www.awamisoach.pk

جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
Certified

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر
حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) خميس 25 سيپٽمبر 2025ع بمطابق پهرين ربيع الثاني 1447ھ (شمارو 345) قيمت 20 روپيا

آمريڪا غزا ۾ جنگ ختم ڪرائڻ ۽ عوام کي مشڪلاتن مان ڪڍڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري: اسلامي ملڪن جا سربراهه

نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ جي سالياني اجلاس جي موقعي تي سائڊ لائين تي قطر ۽ آمريڪا جي ميزبانيءَ هيٺ هڪ اهم گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ چونڊ اسلامي ملڪن کي دعوت ڏني وئي

ملاقات جو مقصد غزا ۾ اسرائيل جي جنگ جي خاتمي جي تجويز ڪيل منصوبي بابت چونڊيل اسلامي ملڪن کي آگاهه ڪرڻ هو، هن اجلاس ۾ پاڪستان، سعودي عرب، گڏيل عرب امارات، قطر، مصر، ترڪي، اردن ۽ انڊونيشيا جي سربراهن شرڪت ڪئي

هن اجلاس جو مقصد غزا ۾ جنگ جو خاتمو ۽ اسرائيلي يرغمالين جي آزادي آهي ۽ هو سمجهن ٿا ته غزا ۾ جنگ ختم ڪرائڻ لاءِ آمريڪا ساڻن گڏ آهي: قطري امير

اسان اسرائيلي يرغمالين جي آزادي چاهيون ٿا ۽ دنيا ۾ ڪو به اهو نٿو ڪرائي سگهي سواءِ هن گروپ (چونڊيل اسلامي ملڪن) جي تنهنڪري هيءَ ملاقات مون لاءِ به هڪ اعزاز آهي

جنرل اسيمبلي جي اجلاس جي موقعي تي منهنجون 32 ملاقاتون رٿيل آهن، پر هيءَ سڀ کان اهم ملاقات آهي، اسان ان شيءِ (جنگ) کي ختم ڪرڻ وارا آهيون جيڪا شروع ئي نه ٿيڻ گهرجي ها

نيويارڪ(م د) اسلامي ملڪن جي سربراهن آمريڪا کي چيو آهي ته هو غزا ۾ جنگ ختم ڪرائڻ ۽ عوام کي مشڪلاتن مان ڪڍڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. اگاري ڏينهن نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ جي سالياني اجلاس جي موقعي تي سائڊ لائين تي قطر ۽ آمريڪا جي ميزبانيءَ هيٺ هڪ اهم گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ چونڊ اسلامي ملڪن کي دعوت ڏني وئي. ملاقات جو مقصد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

نيويارڪ: آمريڪي صدر ۽ ترڪ صدر جي سربراهي ۾ اسلامي ملڪ جي سربراهن سان اجلاس جو ڏيک

پاڪستاني معيشت تي ٻوڏ جي اثرن کي آءِ ايم ايف جائزي ۾ شامل ڪيو وڃي: وزيراعظم جو آءِ ايم ايف کان مطالبو

ورلڊ بينڪ گروپ (ڊبليو بي جي) جي صدر اجي بنگا ۽ انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪرسٽالينا جارجيوا وزيراعظم محمد شهباز شريف سان الڳ الڳ ملاقاتون ڪيون

پاڪستان بتدريج پنهنجي انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) پروگرام تحت پنهنجي واعدن کي پورو ڪري رهيو آهي، آءِ ايم ايف کي ملڪ جي ايندڙ جائزي ۾ تازي ٻوڏ جي نقصانن کي به حساب ۾ رکڻ گهرجي: شهباز شريف

گڏجاڻي ۾ پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف جي وچ ۾ جاري معاشي تعاون، سڌارن جي قدمن ۽ مستقبل جي پائيداري تي بحث ڪيو ويو. وزيراعظم آءِ ايم ايف جي پاڪستان سان ڊگهي عرصي کان تعميري پائيواري جي تعريف ڪئي

وزيراعظم آءِ ايم ايف جي بروقت مدد لاءِ شڪريو ادا ڪيو جنهن ۾ 2024 لاءِ 3 ارب ڊالر جو اسٽينڊ بائي ارينجمينٽ، 7 ارب ڊالر جو ايڪسٽينڊڊ فنڊ فيسليٽي (اي ايف ايف) ۽ 1.4 ارب ڊالر جو ريزيلينس اينڊ سسٽينيبلٽي فيسليٽي (آر ايس ايف) شامل آهن

حڪومت پاران کيل مسلسل سڌارن جي نتيجي ۾، پاڪستان جي معيشت بهتري جا نشان ڏيکاري رهي آهي ۽ ملڪ هاڻي بحالي جي رستي تي آهي. آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر پاڪستان ۾ ٻوڏ متاثر ماڻهن سان همدردي جو اظهار ڪيو

وزيراعظم ورجايو ته سڌارن جي ايجنڊا پاڪستان کي ميڪرو اڪنامڪ استحڪام ڏانهن وٺي وئي آهي، سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ڪيو آهي، ۽ پائيدار ۽ جامع اقتصادي ترقي کي فروغ ڏنو آهي

نيويارڪ(م د) گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 80 هين اجلاس جي موقعي تي، ورلڊ بينڪ گروپ (ڊبليو بي جي) جي صدر اجي بنگا ۽ انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪرسٽالينا جارجيوا وزيراعظم محمد شهباز شريف سان الڳ الڳ ملاقاتون ڪيون. انهن اهم ملاقاتن ۾، پاڪستان ۾ جاري ترقياتي منصوبن، سڌارن ۽ مستقبل جي پائيواري تي تفصيلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

نيويارڪ: وزيراعظم شهباز شريف آءِ ايم ايف جي وفد سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ايران جوهري افزودگي نه روڪيندو، آمريڪا سان ڳالهين جو فائدو ناهي: آيت الله خامنه اي

هڪ ڊرپنهنجا واعدا ٽوڙي ٿي، ڌمڪيون ڏئي ٿي ۽ موقعو ملڻ تي قتل به ڪري ٿي ڇڏي ۽ اهڙي حڪومت سان ڳالهين ڪرڻ سان "رڳو نقصان" ٿيندو

ملڪ جي ترقي جو راز مضبوط ٿيڻ ۾ آهي، اسان کي مضبوط ٿيڻ گهرجي، فوجي طاقت ضروري آهي، سائنسي طاقت ضروري آهي، رياستي ۽ ساختي طاقت ضروري آهي

واضح رهي ته خامنه اي جو اهو بيان آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ تقرير کان ڪجهه ڪلاڪ پوءِ سامهون آيو

تهران(م د) ايراني سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي چيو آهي ته "ايران جوهري هٿيار ناهڻ جو ارادو نٿو رکي پر يورينيم جي افزدگي نه روڪيندو." ايراني ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي نشر ٿيندڙ پنهنجي تقرير ۾ ايراني اڳواڻ تن ڳالهين تي زور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ايراني سپريم ليڊر خامنه اي

روس يوڪرين جنگ جي خاتمي جي ڪوشش جا حامي آهيون: طارق فاطمي

پاڪستان ڌرين کي تحمل ۽ برداشت کان ڪم وٺڻ جو مطالبو ڪري ٿو

تڪرار طاقت جي زور تي حل نه ٿا ٿي سگهن وڏيڪ مسئلا جنم وٺي رهيا آهن

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم جي پرڏيهي مددگار واري خاص مددگار طارق فاطمي چيو آهي روس يوڪرين جي جنگ جي خاتمي لاءِ ورتل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ٻوڏ متاثرن لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام استعمال نه ڪرڻ ڪوتاهي جي برابر هوندو: آصف پٽو

پنجاب ۾ تباهي آڻيندڙ ٻوڏ سبب 40 لک کان وڌيڪ ماڻهو متاثر ٿي چڪا آهن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ٻوڏ سبب متاثر ماڻهن جي امداد جي فراهمي جو سڀني کان تيز ۽ موثر ذريعو آهي

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام رياست وٽ هڪ اهڙو ادارو آهي جنهن وٽ متاثر ماڻهن جو ڊيٽا ۽ انهن تائين پهچ جي صلاحيت موجود آهي

ٻوڏ سبب متاثر ماڻهن جي مدد لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي استعمال نه ڪرڻ ڪوتاهي جي برابر هوندو

ڪراچي (رپورٽر) قومي اسيمبلي جي ميمبر آصف پٽو زرداري چيو آهي ته ٻوڏ سبب متاثر ماڻهن جي مدد لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي استعمال نه ڪرڻ ڪوتاهي جي برابر هوندو، سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي پيغام ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪريم آباد انڊر پاس ايڊائي مهينن ۾ مڪمل ٿي ويندو: مرتضيٰ وهاب

وفاقي ادارو 2025 ۾ 2017 جي اين او سي تي ڪم ٻيهر شروع ڪندو، 8 سالن کان پوءِ به اهي چئي رهيا آهن ته اسان صحيح آهيون ۽ ميئر غلط آهي

گرين لائن منصوبي جي ڪري ايم اي جناح روڊ خراب حالت ۾ آهي، ايم اي جناح روڊ جي اسٽريٽ لائيٽس ۽ سيوريج سسٽم سڀ خراب ٿي چڪو آهي

گرين لائن کي ٻيهر شروع ڪرڻ لاءِ اسان کي 7 جولاءِ 2025 تي خط لکيو ويو هو ۽ 9 جولاءِ تي هن جواب ڏنو ۽ چيو ته نئون ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ پراڻو ڪم مڪمل ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب دعويٰ ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب مختلف علائقن ۾ منصوبن جي بنياد رکڻ جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي

پي آءِ اي کي ٽي سي او جي منظوري ملي وئي، ايندڙ مهيني کان برطانيه لاءِ اڏامون بحال ٿيڻ جو امڪان

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائنز (پي آءِ اي) اعلان ڪيو آهي ته انهي کي برطانيه ۾ اڏامن جي لاءِ ٿرڊ ڪنٽري آپريٽر (ٽي سي او) جي منظوري ملي وئي آهي، اميد آهي ته هوايندڙ مهيني برطانوي فضائن ۾ اڏامون آپريٽ ڪندا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

آءِ سي ايم اي پاڪستان پاران بي آءِ اي ڪي جي پوزيشن هولڊرز لاءِ 2 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ وظيفن جو اعلان

ايڇ ايس سي پارٽ _ II (سالياني امتحان 2025) جي شاندار انعام ورهائڻ واري تقريب ۾ نمايان شخصيتون شريڪ هيون

اهي وظيفا اسان جي ان مشن جي عڪاسي ڪن ٿا، جنهن تحت اسين ميرٽ کي ساراهيون ٿا، صلاحيت جي حوصلا افزائي ڪيون ٿا: ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر عامر اعجاز خان

هي قدم سنڌ صوبي ۾ پنهنجي نوعيت جي پهرين وڏي اسڪالرشپ اسڪيم آهي، جيڪا خاص طور تي بي آءِ اي ڪي جي پوزيشن هولڊرز کي، سائنس، ڪامرس، هيومينيٽيز ۽ ٻين شعبن ۾ تسليم ڪري ٿي

ڪراچي (رپورٽ: زبير احمد لوهار) آءِ سي ايم اي پاڪستان پاران بي آءِ اي ڪي جي پوزيشن هولڊرز لاءِ 2 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ وظيفن جو اعلان سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو. آءِ سي ايم اي پاڪستان علمي شاندار ڪارڪردگيءَ کي ساراهيندي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي، پوليس جي سافٽ ويئر هائوس تي ڪارروائي، ملازم بازياب

ڪراچي (رپورٽر) پوليس ڪراچي جي گلشن اقبال بلاڪ 6 ۾ هڪ سافٽ ويئر هائوس تي ڇاپو هنيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

حڪومت طرفان پيٽروليم شين تي وصول ڪئي ويندڙ ٽيڪس جا تفصيل پڌرا

پيٽرول جي قيمت تي 36 سيڪڙو ۽ ڊيزل جي قيمت تي 35 سيڪڙو ٽيڪس آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) حڪومت طرفان پيٽروليم شين تي وصول ڪئي ويندڙ ٽيڪس جا تفصيل سامهون اچي ويا. پيٽروليم ڊويزن جي دستاويزن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ڪائونسل جو 15 هون اجلاس منعقد

سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽيءَ جي اڪيڊمڪ ڪائونسل جو 15 هون اجلاس وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ جي صدارت هيٺ يونيورسٽي جي سينيٽ هال ۾ منعقد ٿيو

فيڪلٽي آف ايجوڪيشن، فيڪلٽي آف سائنسز، فيڪلٽي آف انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ فيڪلٽي آف مئنيجمينٽ، بزنس ايڊمنسٽريشن ۽ ڪامرس جي بورڊس جي منٽن جو جائزو ورتو ويو

ڪائونسل ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جي فيڪلٽي بورڊ جي سفارشن تحت انڊسٽري ايڊوائزري بورڊ ۽ انڊسٽري رابطا ڪميٽي لاءِ پاليسي فريم ورڪ قائم ڪيو

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽيءَ جي اڪيڊمڪ ڪائونسل جو 15 هون اجلاس وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ جي صدارت هيٺ يونيورسٽي جي سينيٽ هال ۾ منعقد ٿيو. جنهن ۾ فيڪلٽي آف ايجوڪيشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ڪائونسل جي اجلاس جو ڏيک

ڪنوار گهوٽ جي ماءُ کان به وڏي: جاپان ۾ 63 ورهين جي عورت ۽ 31 ورهين جي نوجوان جي انوکي شادي

ٽوڪيو (م د) جاپان ۾ هڪ دلچسپ محبت جي ڪهاڻي سڀني کي حيران ڪري ڇڏيو آهي. 63 ورهين جي عورت پاڻ کان 32 سالن جي ننڍي عمر جي نوجوان سان شادي ڪري ورتي، دلچسپ ڳالهه اها آهي ته ڪنوار عمر ۾ گهوٽ جي والده /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪنڌڪوٽ: انڊس هاءِ وي تي تيز رفتار ٽرالر جو رڪشا کي ٽڪر، ٻن عورتن سميت 4 ڄڻا فوت

فوت ٿي ويلن جي سڃاڻپ ماروي، خانزادي، معصوم ٻار وڪيل بنگوار ۽ هڪ مرد شامل آهي جنهن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ٽرالر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي جڏهن ته ٽرالر ڊرائيور فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو

رڪشا ريڙهو ڳوٺ گمبلو وڃي رهيو هو ته رستي ۾ حادثو پيش آيو. ڏڪوئيندڙ واقعي جو ٻڌي شهر جا ڪيترائي ماڻهو وڏي انگ ۾ اسپتال پهتا

ڪنڌڪوٽ (م د) ڪنڌڪوٽ ۾ سي سيڪشن ٿاڻي جي حد ملهير انڊس هاءِ وي تي تيز رفتار ٽرالر رڪشا ريڙهي کي زوردار ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ رڪشا ريڙهي ۾ سوار ٻن عورتن ۽ هڪ معصوم ٻار سميت 4 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن. حادثي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

آمريڪي صدر نوبل انعام چاهي ٿو ته غزه جنگ ختم ڪرائڻي پوندي: فرانسيسي صدر

اسان اسرائيل کي اهي هٿيار نٿا ڏيون جيڪي غزه ۾ جنگ جي لاءِ استعمال ٿيندا آهن

جيستائين غزه ۾ جنگ جاري رهي ٿي ۽ اسرائيلي فوج شهرين جو قتل جاري رکي ٿي ته اسان خاموش نٿا رهي سگهون

نيويارڪ (م د) فرانسيسي صدر ايمانوئيل ميڪرون چيو آهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ صرف انهي صورت ۾ امن جو نوبل انعام حاصل ڪري سگهي ٿو جڏهن هو اسرائيل ۽ فلسطين جي وچ ۾ غزه ۾ جاري تڪرار ختم ڪرائي ڇڏي. ياد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪمانڊر بحرين نيشنل گارڊ جو ايئر هيڊ ڪوارٽر جو دورو

ملاقات دوران، ٻنهي اڳواڻن پائيدار دفاعي تعاون لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو

پي اي ايف چيف معزز مهمان جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ۽ ڪيس پي اي ايف پاران ڪيل پيش رفت کان آگاهه ڪيو

اسلام آباد (بيورو) ڪمانڊر بحرين نيشنل گارڊ، جنرل شيخ محمد بن عيسيٰ بن سلمان الخليفا، ايئر هيڊ ڪوارٽر اسلام آباد جي دوري دوران هوائي فوج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: ڪمانڊر بحرين نيشنل گارڊ، جنرل شيخ محمد بن عيسيٰ بن سلمان الخليفا، ايئر چيف مارشل سان ملاقات ڪندي

سنڌ حڪومت گاڏين جي عمر جي حد مقرر ڪري ڇڏي

ترميمن تحت ڳرين ڪمرشل گاڏين جي مالڪن کي نون شرطن تي عمل ڪرڻ لازمي قرار ڏنو ويو: ٽرانسپورٽ ڪاتو

فٽنيس سرٽيفڪيٽ، گاڏين جي مقرر عمر جي حد ۽ جديد حفاظتي نظام لازمي هوندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ٽريفڪ قانونن ۽ عوامي تحفظ لاءِ سنڌ موٽر وهيڪل رولز 1969 ۾ ترميمن جو باضابطا نوٽيفڪيشن جاري ڪري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

درسي ڪتابن ۾ ٻارن ۽ نوجوانن کي نسورو ڪوڙ تي ٻڌل تاريخ پڙهائي وڃي ٿي: اديب/دانشور

درسي ڪتابن کي درست ڪيو وڃي ته محبت ۽ ڀائيچارو وڌي ۽ انساني قدر پروان چڙهن

ايمپريس مارڪيٽ جو نالو بدلائي "شهداء ڪراچي مارڪيٽ" رکيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) نامور اديبن، دانشورن، شاعرن ۽ ڏاهن چيو آهي ته درسي ڪتابن ۾ ٻارن ۽ نوجوانن کي نسورو ڪوڙ تي ٻڌل تاريخ پڙهائي وڃي ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

پنجاب حڪومت پاران پيپرا رولز ۾ ترميم واپس وٺڻ تي اي پي اين ايس شڪريو ادا ڪيو

عرصي دراز کان التوا هيٺ رهندڙ هن مسئلي جي حل ڪي پنجاب جي اخبارن طرفان وڏي ساراهه ملندي: اي پي اين ايس وفد

هن ترميم سبب صوبي پنجاب جا ريجنل ۽ ننڍا اخبار معاشي طور سخت مشڪلاتن جو شڪار ٿيا هئا

ڪراچي (رپورٽر) آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (APNS) وزيراعليٰ پنجاب محترمه مريم نواز شريف، صوبائي وزير اطلاعات پنجاب محترمه/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪي پي ۾ سرڪاري ملازمن کي بنا وياج قرض ڏيڻ جو فيصلو

گريڊ هڪ کان 17 تائين جي صوبائي ملازمن کي آسان قسطن تي قرض فراهم ڪيا ويندا

سيڪريٽريٽ ملازمن کي قرضن لاءِ 100 ملين رپيا ۽ ٻين ملازمن لاءِ 240 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن

پشاور(م د) خيبرپختونخواهه حڪومت صوبي جي سرڪاري ملازمن کي بنا وياج کان پاڪ قرض ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، صوبائي حڪومت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

سانگهڙ: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري روشن دين جوڻيجو جي وفات تي تعزيت ڪري رهيو آهي

مالاڪنڊ جي درگئي ۾ ٻن ڌرين جي جهيڙي دوران ٽي ماڻهو مارجي ويا

مالاڪنڊ (م د) مالاڪنڊ ضلعي جي درگئي تحصيل ۾ ٻن گروپن جي وچ ۾ جهيڙي ۾ تي ماڻهو مارجي ويا. ليويز اختيارين موجب، ٻنهي گروپن جي وچ ۾ جهيڙي دوران فائرنگ جو تبادلو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پ پ جي لياري ٽائون ۾ بلدياتي نمائندن ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ پ جي لياري ٽائون ۾ بلدياتي نمائندن ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي آهي چيئرمين لياري ٽائون جي خلاف بي اعتمادي رٺ جي قرارداد ميونسپل ڪمشنر وٽ جمع ڪرائي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سنڌو درياءَ ۾ ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي جي وهڪري ۾ واڌ

ڪوٽڙي بئراج تي سنڌو درياهه ۾ پاڻي جي آمد وڌي 3 لک 98 هزار ڪيوسڪ تي وئي

گڊو بئراج تي پاڻي گهٽجي 2 لک 36 هزار ڪيوسڪ رهيو: فلڊ فورڪاسٽنگ ڊويزن

ڪوٽڙي (رپورٽر) سنڌو درياهه ۾ ڪوٽڙي بئراج تي پاڻي جي آمد وڌڻ شروع ٿي وئي آهي. پاڻي جو وهڪرو 398,000 ڪيوسڪ تائين وڌي ويو آهي،/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پيپلز پارٽي ۽ ميئر ڪراچي ڪو به ڪم سڌي طريقي سان ڪري ڇڏين ته هزارين ڊالر انعام رکڻ گهرجي: فاروق ستار

گرين لائن جو منصوبو ڪجهه مهينن ۾ مڪمل ٿيڻو هو پر 18 سيپٽمبر تي گرين لائن منصوبي تي ڪم کي روڪيو ويو

اين او سي ناهي ورتي وئي، اين او سي نه به هئي ته ڪم روڪڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، ميئر ڪراچي پاڻ هڪ به دعويٰ تي پورو ناهي لٿو

سنڌ حڪومت ريڊ لائن جي منصوبي ۾ اڃان تائين قائل آهي، ڪيترا منصوبا آهن جيڪي پيپلز پارٽي مڪمل نه ڪيا، وقت وڃائي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان جي اڳواڻ فاروق ستار چيو آهي ته ڪراچي ۾ تعميراتي منصوبن کي سياست جي حوالي ڪيو ويو جڏهن ته پيپلز پارٽي ۽ ميئر ڪراچي ڪو به ڪم سڌي طريقي سان ڪري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پنجاب ۾ ٻوڏ متاثر خيمن ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن: شازيه مري

پنجاب ۾ ٻوڏ متاثر اڃا تائين خيمن ۾ رهڻ تي مجبور آهن، حڪومت پنجاب ڪو به جامع لائحه عمل اختيار نه ڪيو آهي

بلاول ڀٽو زرداري متاثرن جي ڏک کي نظر ۾ رکندي سالگره جو جشن ملتوي ڪيو، اهوئي اصل قيادت آهي

سنڌ ۾ 2.1 ملين گهرن جي تعمير جاري آهي، لڪين گهر مڪمل ٿي ويا آهن ۽ عورتن کي زمينن ۽ صنعتن تائين رسائي ڏني وئي آهي

سانگهڙ (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرينز جي مرڪزي سيڪريٽري اطلاعات ۽ ممبر قومي اسيمبلي شازيه عطاءِ مري جام/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار او آءِ سي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪي پي ۾ سرڪاري ملازمن کي بنا وياج قرض ڏيڻ جو فيصلو

پشاور(م د) خيبرپختونخواهه حڪومت صوبي جي سرڪاري ملازمن کي بنا وياج کان پاڪ قرض ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، صوبائي حڪومت ان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

سنڌ جي سامونڊي ماهيگرن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا: محمد علي ملڪاڻي

صرف بائيوميٽرڪ تصديق ٿيل ۽ سڃاڻپ ڪارڊ رکندڙ ماهيگرن کي ئي سمنڊ ۾ وڃڻ جي اجازت هوندي

غير رجسٽرڊ ٻيڙين کي سمنڊ ۾ وڃڻ جي اجازت نه هوندي، ملڪاڻي پاران سخت ڪارروائي جو اعلان

وي ايم ايس (Vessel Monitoring System) ذريعي ٻيڙين جي نگراني جو نظام فعال ٿيندو

ڪراچي (24 سيپٽمبر 2025): صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز سنڌ، محمد علي ملڪاڻي چيو آهي ته سنڌ جي سامونڊي علائقن جي ماهيگرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

محمد علي ملڪاڻي

وفاق ڪراچي سرڪلر ريلوي منصوبي تان هٿ ڪڍي ويو

منصوبي لاءِ نه ڪا فنڊنگ ڏيندي ۽ نه ئي ڪنهن ڪمپني سان معاهدو ڪندي

سنڌ حڪومت بار بار 3 کان 4 سالن کان وفاق کي سمجهائڻ ۽ سي پيڪ ۾ شامل ڪرائڻ جون ڪوششون ڪيون پر ڪا تيل نه نڪتو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سرڪلر ريلوي منصوبو، 1970ع کان وٺي مختلف حڪومتن جي اعلانن ۽ دعوائن تائين محدود رهيو آهي. هاڻي ٻيهر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڊي آئي خان ۾ ڪارروائي، فتنه الخوارج جا 13 دهشتگرد مارجي ويا

ڊيرا اسماعيل خان ۾ سيڪيورٽي فورسز ڪارروائي ڪري ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم فتنه الخوارج جي 13 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو

سيڪيورٽي فورسز 24 سيپٽمبر تي ڊيرا اسماعيل خان جي علائقي درابن ۾ ڳجهي اطلاع تي آپريشن ڪيو، جنهن دوران دهشتگردن جي ٽڪاڻي کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو ويو

مارجي ويلن دهشتگردن وٽان هٿيار، گولا ۽ بارود به برآمد ڪيو ويو، اهي ڪيترين ئي تخريبي ڪارروائين ۾ ملوث هئا: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (م د) خيبر پختونخواهه جي ضلعي ڊيرا اسماعيل خان ۾ سيڪيورٽي فورسز ڪارروائي ڪري ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم فتنه الخوارج جي 13 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو. آءِ ايس پي آر موجب سيڪيورٽي فورسز 24 سيپٽمبر تي ڊيرا اسماعيل خان جي علائقي درابن ۾ ڳجهي اطلاع تي آپريشن ڪيو، جنهن دوران دهشتگردن جي ٽڪاڻي کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو ويو. نتيجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلامي نظرياتي ڪائونسل وڌولڊنگ ٽيڪس کي غير شرعي قرار ڏئي ڇڏيو

نڪاح ڪانپوءِ رخصتي کان اڳ طلاق جي صورت ۾ خرچ جي ادائيگي لازمي قرار ڏني وئي هئي، ڪائونسل موجب اهو فيصلو قرآن ۽ سنت جي خلاف آهي

انساني ڪيرنخيرو ڪندڙ ادارن جي قيام جي حوالي سان ڪائونسل چيو ته مخصوص شرطن تحت اهي ادارا قائم ڪري سگهجن ٿا پر ان کان اڳ لازمي قانون سازي ڪئي وڃي

اسلام آباد (بيورو) اسلامي نظرياتي ڪائونسل وڌولڊنگ ٽيڪس کي غير شرعي قرار ڏئي ڇڏيو ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪيترائي ملڪ بي آءِ ايس پي مان سکڻ اچن ٿا، پروگرام کي فراڊ چوندڙ معافي وٺي: روبينا خالد

ٻوڏ جي صورتحال ۾ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ کان پاسو ڪيو وڃي، هڪ سياسي اڳواڻ بيان ڏنو ته بي آءِ ايس پي فراڊ آهي، جيڪو هڪ ڪروڙ خاندانن جي توهين آهي

2022ع جي ٻوڏ ۾ بي آءِ ايس پي 70 ارب رپين جي هنگامي امداد ڏني هئي، اهوئي پروگرام آهي جيڪو متاثرن تائين سڀ کان تيز، شفافيت ۽ وسيع پهچ سان مدد پهچائي ٿو

بي آءِ ايس پي وٽ مڪمل ڊيٽا آهي جنهن سان متاثرن کي بروقت امداد ڏني پئي وڃي، پروگرام سان هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ خاندان لاڳاپيل آهن

لاهور (بيورو) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: وڏي وزير مراد علي شاهه سان آمريڪي ناظم الامور ملاقات ڪري رهي آهي

دشت ۾ ڌماڪي سبب متاثر ٿيل ٽريڪ تي بحالي جو ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو

ڪوئٽه (م د) دشت ۾ ڌماڪي سبب متاثر ٿيل ٽريڪ تي بحالي جو ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو، ۽ پشاور ڏانهن ويندڙ جعفر ايڪسپريس کي اڄ صبح رد ڪيو ويو ريلوي عملدارن موجب. جعفر ايڪسپريس جي مسافرن کي انهن جي ٽڪيٽن جي واپسي ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سعودي عرب جي اصل پريشاني ايران سان آهي: ڊاڪٽر عائشه صديقه

سعودي عرب جي اصل پريشاني ايران سان آهي، چاڪاڻ ته اسرائيل سان نه ته انهن جي سڌي دشمني آهي ۽ نه ئي اسرائيل لاءِ مڪه ۽ مدينه ڪڏهن ڪو هدف رهيا آهن

ڊاڪٽر عائشه صديقه وضاحت ڪئي ته معاهدي ۾ هن دفاعي تعاون کي "اسٽريٽجڪ" سطح تي وڌايو ويو آهي، جنهن سبب بظاهر ايٽمي هٿيارن يا ٽيڪنالاجي جي امڪان تي بحث پيدا ٿيو آهي

سعودي عرب جي خواهش پراڻي آهي ته اهو يا ته پاڻ ايٽمي صلاحيت حاصل ڪري يا گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان جي ايٽمي ڇتري ۾ اچي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ نئين دفاعي معاهدي تي ڊاڪٽر عائشه صديقه چيو آهي ته سعودي عرب جي اصل پريشاني ايران سان آهي، چاڪاڻ ته اسرائيل سان نه ته انهن جي سڌي دشمني آهي ۽ نه ئي اسرائيل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

جمهوري سوچ جي ترجمان
روزاني
Daily AWAMI SOCH KARACHI
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهہ

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ:
03153327758

ڏنءُ ڏنءُ ڏَمڻَ وارِ، اڄ پڻ آڳڙين جي؛
ٻاري مچ مَجاز جو، اوتيائون اڱارَ؛
ڏوڏا! ٿِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

خميس 25 سيپٽمبر 2025ع

افسوس! سُرِ ۽ ساز تي پوليس تشدد بند نہ ٿيو!

ڪجھ ڏينهن اڳ اسان ايڊيٽوريل ۾ لکيو هو تہ جنهن سُر تي آڳاٽي زماني ۾ راءِ ڏياچ نالي هڪ بادشاهہ سرڏنو هو تنهن تي اڄ پوليس اهلڪار تشدد ڪري رهيا آهن. اهڙن پوليس اهلڪارن کي اسان استاد فتح علي خان جو هي ڪلام احتجاج طور منسوب ڪيو هو تہ ”پيار نهين هي سُر سي جس ڪو وو مورک انسان نهين“ تن ساڳين پوليس اهلڪارن سنڌ اسيمبلي ڏانهن گيتن جي گونجار سان مارچ ڪندڙ ميوزڪ ٽيچرس تي وري تشدد ڪيو. 22 استادن کي گرفتار بہ ڪيو ويو جيڪي ڪجھ ڪلاڪن بعد آزاد ڪيا ويا.

رپورٽن موجب ميوزڪ ٽيچرز جوائننگ آرڊر نہ ملڻ خلاف ٽيون ڏينهن بہ مطالبن جي مڃتا لاءِ سنڌ اسيمبلي ڏانهن مارچ ڪيو پر پوليس اهلڪارن کين ريڊ زون ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي 22 کان وڌيڪ ميوزڪ ٽيچرز کي گرفتار ڪيو جيڪي بعد ۾ وڪيلن جي مداخلت کان پوءِ آزاد ٿيا. ان حوالي سان ميوزڪ ٽيچرز جو چوڻ آهي تہ اسان کي آفر آرڊر ڏيڻ کان پوءِ جوائننگ نہ ٿي ڏني وڃي جنهن سبب اسان سخت پريشان آهيون. پر اسان جي پرامن احتجاج کي پوليس تشدد جو نشانو بڻائي ٿي. هوڏانهن تعليم واري وزير سردار شاهہ چيو آهي تہ اسان 2023 ۾ 750 ميوزڪ ٽيچرز ۽ 750 آرٽس ٽيچرز کي ڀرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ايئن اسان پاس ٿيل 319 اميدوارن کي آفر آرڊر ڏنا. هن چيو تہ نگران دور ۾ ميوزڪ ٽيچرز جو معاملو عدالت ۾ ويو ۽ عدالت کين ڀرتين کان روڪي ڇڏيو. آئون اميدوارن کي چوندو رهيو آهيان تہ توهان سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪريو پر بدقسمتي سان ڪو بہ اميدوار عدالت نہ ويو. مون پنهنجو وفد بہ اميدوارن ڏانهن موڪليو پر انهن ملڻ کان انڪار ڪيو سو اسان کي ٻڌايو وڃي تہ عدالت جي فيصلي جي ابتڙ اسان جوائننگ ڪيئن ٿا ڏئي سگهون باقي اسان ٿرڊ پارٽي ذريعي ٻيهر ٽيسٽ لاءِ تيار آهيون.

اسان هاڻي هتي تعليم جي وزير سردار شاهہ جي ان موقف سان مخاطب آهيون تہ ٺيڪ آهي توهان جو هڪ موقف آهي جيڪو ممڪن آهي تہ درست بہ هجي پر اها بہ حقيقت آهي تہ ان مسئلي کي حڪومت کي ئي حل ڪرڻو آهي اهو ڪيئن ممڪن آهي تنهن تي سوچبو تہ نو سئو نو واٽون نڪري سگهن ٿيون پر اهو بہ درست ناهي تہ جيڪڏهن ميوزڪ ٽيچرز جوائننگ آرڊر لاءِ پنهنجي جدوجهد برقرار رکن تہ انهن مٿان پوليس ذريعي تشدد ڪرايو وڃي؟ ٻيو تہ تشدد ان احتجاج مٿان ڪيو ويندو آهي جيڪو امن امان ۾ خلل وجهندو هجي، وڳوڙي هجي، پٿراءُ ڪندو هجي روڊ رستا بند ڪيو هجي پر هي موسيقي جا ٽيچرز تہ يڪتارا چپڙيون کڻي صوفياڻو راڳ ڳائيندي انتهائي پرامن احتجاج ڪري رهيا هيا. غلطي تہ اصل ۾ اوهان جي آهي جو اوهان چيف منسٽر هائوس کي نوگو ايريا بڻائي ان ڏانهن ويندڙ رستي کي ”ريڊ زون“ قرار ڏئي ڇڏيو آهي. پوءِ هيءَ ڪهڙي عوامي حڪومت ٿي جيڪا فنڪارن، استادن، ڊاڪٽرن، نرسن، وڪيلن، اديبن ۽ عورتن کي چيف منسٽر هائوس ڏانهن ريلي جي شڪل ۾ اچي کين پنهنجا مسئلا ۽ مطالبا ٻڌائڻ جي اجازت نہ ٿي ڏني وڃي.

اسان تہ هميشہ کان اهو چوندا رهيا آهيون تہ اصل ۾ احتجاج جي اهڙي نوبت ئي نہ اچڻ گهرجي جو متاثر يا ستايل ماڻهو احتجاج ۽ مظاهرو ڪندي چيف منسٽر هائوس اچن. عوامي مسئلا تہ اهڙي نوبت اچڻ کان اڳ ۾ ئي حل ڪرڻ گهرجن. حڪومت کي ان ڏس ۾ پاڻ ئي احتجاج ڪندڙن سان ڳالهائڻ لاءِ ڪجھ ڏينهن لاءِ ٽيم مقرر ڪرڻ گهرجي جيڪا ساڻن ڳالهائي ۽ پوءِ اها ٽيم حڪومت تائين احتجاج ڪندڙن جا مسئلا ۽ مطالبا پهچائي ۽ حل ڪرائي مثال جيئن سردار شاهہ ٿو چاهي تہ متاثر ڌر سپريم ڪورٽ ۾ جوائننگ آرڊر جي رد خلاف پٽيشن داخل ڪرڻ گهرجي. ٻنهي ڌرين طرفان هڪ ڪاميٽي جوڙڻ گهرجي جيڪا هڪٻئي سان صلاح مصلحت ڪري اهو مسئلو حل ڪري ڇاڪاڻ تہ ان معاملي تي اصولي طور تي حڪومت کي بہ اعتراض ناهي تہ ڪو ميوزڪ ٽيچرز جون ڀرتيون نہ ٿين پر ان جو خيال آهي تہ اسان عدالتي فيصلي جي آڏو مجبور آهيون. هاڻي ان مجبوري بابت يا ان مان نڪرڻ لاءِ ميوزڪ ٽيچرس وٽ ڪهڙو رستو آهي يا ڪهڙو حل آهي تنهن تي ڳالهائڻ گهرجي پر فوري طور تي حڪومت کي جيڪو ڪم ڪرڻو آهي سو اهو آهي تہ ميوزڪ ٽيچرز کي چيف منسٽر هائوس اچڻ ڏنو وڃي، سندن رستا روڪ نہ ڪئي وڃي ۽ اتي ويهي ٻئي ڌريون ان مسئلي جي حل لاءِ ڪا ڪميٽي جوڙين جنهن کي حڪومتي سطح تي منع ڪيو وڃي تہ اها سر ۽ سنگيت تي تشدد نہ ڪندي، گيتن جي گونجار کي بند نہ ڪندي، مظاهرين کان سندن باجا، چپڙيون ۽ يڪتارا نہ کسيندي پر ميوزڪ ٽيچرس ۽ سر ۽ سنگيت جي عزت ڪندي.

اسان جي تہ اها دلي تمنا آهي تہ پوليس جي تشدد واري اختيار تي ئي پابندي لڳائي وڃي. ڪنهن بہ پوليس اهلڪار کي اهو حق نہ هئڻ گهرجي تہ اهو باعزت عوام تي صرف ان ڪري تشدد ڪري تہ اهي احتجاج ڪن ٿا. هتي اهو بہ عجيب نظام آهي تہ قاتلن، ڌوهارين ۽ سزا يافتہ ملزمن جي تہ عزت نفس جو خيال ڪيو ويندو آهي ۽ سندن چهري تي پردو چاڙهي کين ٿاڻن ۽ عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو آهي پر شريف ماڻهن تي سرعام لٺ بازي ڪئي ويندي آهي کين ڪنيي، ڪپڙا ڦاڙي، گريبانن ۾ هٿ وجهي تذليل ڪندي ڌڪ هڻندي گرفتار ڪيو ويندو آهي چو تہ هو پنهنجي چونڊيل وڏي وزير ڏانهن پنهنجا مسئلا ۽ مطالبا مڃائڻ لاءِ وڃڻ جو ڏوهہ ڪندا آهن. ڏوهہ تہ انهن جو آهي جيڪي عوام کي پنهنجي چونڊيل حڪومت جي نمائندي سان ملڻ نٿا ڏين. سزا تہ انهن کي ملڻ گهرجي جن چيف منسٽر هائوس کي عوام لاءِ نوگو ايريا بڻائي ان کي ريڊ زون قرار ڏئي ڇڏيو آهي.

اشرافيا، وڏماڻهپي ۽ اڻ برابريءَ جون علامتون ۽ اظهار

محمد احسان لغاري

پاڪستان جو آئين، خاص طور تي آرٽيڪل 25 ۽ 38، سيني شهرين کي برابر حقن جي ضمانت ڏئي ٿو جتي زندگيءَ جي سطح، سهولتن تائين رسائي ۽ سماجي انصاف تي زور ڏنو ويو آهي پر پاڪستان ۾ سماجي رويا انهن اصولن جي سڌي مخالفت ڪن ٿا، ۽ اهڙو نظام قائم رکن ٿا جتي طاقتور ماڻهو پڌري برتريءَ جو اظهار ڪن ٿا. اهو ”وي آءِ پي ڪلچر“ علامتي، عملي ۽ کليل نموني سماجي درجا بنديءَ کي وڌيڪ پختو ڪري ٿو ۽ اشرافيا کي اڪثر قانوني ۽ آئيني اصولن کان مٿانهون رکي ٿو

تجزياتي طور، اهو گيتانو موسڪا ۽ ولفريڊو پاريٽو جي ”اشرافيا واري نظريي“ سان ملي ٿو اهي چون ٿا سماج هميشہ هڪ منظم اقليت پويان هلن ٿا ۽ ان جي هٿ وس هوندا آهن.اها اشرافيا ئي سياسي ۽ اقتصادي وسيلن تي قبضو رکي ٿي، ڀلي ڪيتري بہ جمهوريت جي دعويٰ ڪئي وڃي. پاڪستان ۾ اهو عمل ”اشرافيا جي قبضي“ جي صورت ۾ وڌيڪ شديد آهي، جتي هڪ خاص مراعات يافتہ اقليت جيڪا گهڻو ڪري نوآبادي/ٻيئنڪي دور جي ورثي سان ڳنڍيل آهي عوامي وسيلن تي هٿ مضبوط رکيو ويٺي آهي، جنهن سبب اڻ برابري مضبوط ٿئي ٿي. اسان جو جيني ڪوئيفيشنٽ جيڪو لڳاتار 0.30–0.35 جي وچ ۾ رهيو آهي ان ڳالهہ جي ثابتي ڏي ٿو

گني ڪوايفيشنٽ هڪ انگ آهي جيڪو سماج ۾ آمدني يا دولت جي غير برابري کي ماپيندو آهي. اهو 0 کان 1 تائين هوندو آهي: 0 مڪمل برابري (سيني وٽ ساڳي آمدني) ۽ 1 مڪمل غير برابري (هڪ شخص وٽ سڀ ڪجھ) ڏيکاريندو آهي. فلسفياڻي طور، اهو ڪارل مارڪس جي ”طبقاتي ويڙھ“ جو پڙلاءُ آهي، جنهن مطابق سماجي اڻ برابري اشرافيا (بورژوا) ۽ عام ماڻهن (پرولتاريہ) جي طبقاتي جدوجهد مان پيدا ٿئي ٿي، ۽ حڪمران طبقا نظرياتي اوزارن وسيلي پنهنجي برتري قائم رکن ٿا.

اشرافيا جا اظهار سماجي، اقتصادي، سياسي، مذهبي ۽ ثقافتي بنيادن مان جنم وٺن ٿا، ۽ معاشري جي هر ڪنڊ ۾ پکڙيل آهن شهرن کان ڳوٺن تائين. سرڪاري عملدار، چونڊيل (يا ڪڏهن غيرچونڊيل) نمائندا، مذهبي اڳواڻ، يا ذات ۽ برادريءَ مان نڪتل نون وڏيرن ۽ سردارن تائين، سڀ انهي علامتي تفاوت کي وڌيڪ ظاهر ڪن ٿا. سندن گهراوطاقون، گاڏيون، آفيسون ۽ لاڳاپيل جوڙجڪ عام ماڻهن جي سهولتن کان بلڪل ڌار هونديون آهن، جيڪي نفسياتي حدبنديون پيدا ڪن ٿيون. اهڙن هنڌن تائين پهچڻ، انهن وٽان لنگهڻ يا اندر داخل ٿيڻ عام ماڻهوءَ ۾ ڊپ، جهجڪ ۽ گهٽ هجڻ جو احساس پيدا ڪري ٿو اهو پيئر بورديو جي ”سمبولڪ وائلنس“/ علامتي تشدد واري تصور سان ملي ٿو، جتي برتري اندروني درجا بندي ۽ ثقافتي سرمايي وسيلي قائم ڪئي وڃي ٿي، جيڪا اشرافيا جي حڪمراني کي جائز بڻائي ٿي. ايتري حد تائين جو جيڪڏهن ڪو گڏدام سندن ملڪيتي زمينن ۾ داخل ٿي وڃي تہ سندس مالڪ کي سزا ملي ٿي. اهو پوسٽ_ ڪالونيئل نظريي جو تسلسل آهي، خاص طور تي فرانٽز فانون جي ”نوآباديائي ذهن“/ ٻيئنڪي ذهني لاڙن واري خيال سان، جتي آزاديءَ کانپوءِ جي اشرافيا قبضو ڪندڙ ظالمن (جيئن ننيدي ڪنڊ لاءِ انگريز) جي پوئواري ڪري ٿي ۽ اندروني ٻيئنڪي راڄ ۽ اڻ برابري کي جاري رکي ٿي.

سرڪاري آفيسن جي شان ۽ شوڪت تي غور ڪيو وڃي، تہ اهي ٻيئنڪي انتظامي ڍانچي جون باقيات آهن. پاڪستان جي بيوروڪريسي برطانوي راڄ کان ورثي ۾ ملي، جتي آفيسون اقتدار جون علامتون هيون تہ جيئن ”مقامي ماڻهن“ کي دٻايو وڃي. اڄ بہ ڊي سي، ڪمشنر، ايس پي آفيسون، پوليس اسٽيشنون ۽ ٻيون کاتا اهي عظيم اڏاوتون برقرار رکن ٿا، جيڪي اطاعت پيدا ڪن ٿيون. عملدار اڪثر اهڙي سيٽ اپ کي ان جواز سان بيان ڪن ٿا تہ اهو نہ هجي تہ عوام کين ”لتاڙي“ ڇڏيندو. جيڪو هڪ سرپرستي واري سوچ کي ظاهر ڪري ٿو جيڪا شهرين کي ڀائيوارن بدران ماتحت سمجهي ٿي. آفيسن جا درجا بندي وارا ڍانچا گارڊ، مددگار، ٽيليفون آپريٽر،اسسٽنٽ کان پوءِ وڏو اسسٽنٽ، ڳرا دروازا هڪ نفسياتي قلعو بڻجن ٿا، جيڪو جوابدهيءَ کي گهٽائي ٿو ۽ طاقت جي توازن کي بگاڙي ٿو. بيوروڪريسي/افسرشاهيءَ ۽ سياسي حڪومتي اڳواڻن جي ڳالهين ۾ ”مالڪي“ جهڙا لفظ (”مان هن اداري جو مالڪ آهيان“) حڪمران ۽ محڪوم جي ورهاست کي وڌيڪ وڌائين ٿا، جيڪي جاگيرداري ۽ ٻيئنڪي اثرن ۾ جڙيل آهن ۽ ميرٽ تي ٻڌل طرزحڪمراني کي روڪين ٿا. اهو انتونيو گرامشي جي ”ثقافتي هيجيموني“ واري نظريي سان ملي ٿو جتي اشرافيا حڪومتي ۽ ٻين ادارن ۽ ٻوليءَ وسيلي پنهنجي برتري کي عام ڪري، رضامندي پيدا ڪري ٿي، ۽ اڻ برابري کي فطري ظاهر ڪري ٿي. (بابا وڏا ماڻهو وڏا آهن!) هيگيموني يا هيجيموني هڪ رياست، گروپ يا طبقي جي اها بالادستي آهي، جيڪا ٻين تي سياسي، معاشي يا ثقافتي طور تي غلبو ۽ ڪنٽرول حاصل ڪري.

اسان جا سماجي اصول ٻولي، رويا ۽ ڪردار اشرافيا کي عام حقيقت ۽ قابل قبول بڻائي ڇڏيو آهي، جڏهن تہ اڻ برابري نظام لاءِ ضروري آهي. حاوي طبقا پنهنجي نظرين جي ثقافتي روايتن ۾ پيوندڪاري ڪري، مزاحمت کي دٻائين ٿا. آفيسن تائين عوام جي پهچ ۾ رنڊڪون انهيءَ جو مثال آهي. عوام جي شڪايتن، اختلافن ۽ سندن جائز مسئلن کي ٻڌڻ کان روڪي ٿي. فلسفي طور، ميشل فوڪو جي ”طاقت/علم“ واري فريم ورڪ / گهاڙيٽي مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ اهڙن ڍانچن وسيلي درجا بنديءَ جون ”سچائيون“ پيدا ٿين ٿيون اشرافيا علم/ڄاڻ تي (جهڙوڪ عملدارن تائين رسائي) ڪنٽرول رکي طاقت استعمال ڪري ٿي، جيڪا ماتحتيءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪري ٿي.

آفيسن جي اڏاوتي ڍانچن کان پوءِ وري، گاڏيون ۽ سيڪيورٽي پروٽوڪول هيءَ ورهاڱو ۽ فرق وڌيڪ گهرو ڪن ٿا. زور وارا سائرن ۽ هٿياربند محافظن سان وڏا قافلا عوامي رستن کي خطري وارن علائقن ۾ بدلائي ڇڏين ٿا، جنهن کي عوامي لفظن ۾ ”وي آءِ پي دهشتگردي“ چيو وڃي ٿو اڳ ۾ اها رڳو مٿين عملدارن تائين محدود هئي، پر هاڻي اها حفاظت وڌي وئي آهي، جنهن تي ساليانو اربين رپيا خرچ ٿين ٿا، جڏهن تہ ملڪ معاشي بحران، مهانگائي ۽ قرضن سان جهيڙي رهيو آهي. ڪاري شيشي وارين گاڏين، جعلي نمبر پليٽن ۽ ٽريفڪ جي ضابطن جون خلاف ورزيون، جيڪي اشرافيا ۽ انهن جي ڪٽنب طرفان ڪيون وڃن ٿيون، سندن اتم هجڻ جون علامتون آهن. نتيجي ۾ روڊ حادثا وڌن ٿا ۽ عوامي ڪاوڙ جنم وٺي ٿي. تجزياتي طور، اهو قانون جي حڪمراني کي ڪمزور ڪري ٿو، چو تہ عام ماڻهو بہ اهي خلاف ورزيون ورجائن ٿا، جنهن سان سماجي اعتماد ۽ قانون تي عمل گهٽجي ٿو پوسٽ_ڪالونيئل/ ٻيئنڪي دؤر کان پوءِ واري اصطلاحن ۾، اهو ايڊورڊ سعيد جي ”اورينٽلزم“ جي عڪاسي ڪري ٿو جتي اشرافيا نو ٻيئنڪي دورجي ”برتر/ڪمتر“ جي ورهاست کي مضبوط ڪري ٿي

ادارن اندر جون ڌارڌار سهولتون، جيئن عملي ۽ آفيسرن لاءِ الڳ باٿ روم، لفٽ يا داخلا دروازن جون اجازتون، اشرافي برتريءَ کي وڌيڪ نمايان ڪن ٿيون. اهڙي ڌار ڌار رويي ۾ ماتحتن لاءِ بي پرواهي انساني قدرن جي کوٽ ظاهر ڪري ٿي. سي رائيٽ ملز جي ”پاور ايليٽ“ واري نظريو هتي لاڳو ٿئي ٿو جتي پاڪستان ۾ هاءِ برڊ سياسي ۽ معاشي اشرافيا جي ڳانڍاپي اڻ برابري کي قائم رکيو آهي. گاڏين تي ”پريس“، ”ايم پي اي“، ”وڪيل“ وغيره جهڙيون نمبر پليٽون بہ اصولن کان استثنا جو اعلان ڪن ٿيون. جيڪي ميرٽ تي ٻڌل سسٽم کي ڪمزور ڪن ٿيون. روڊ بلاڪ وڌي وڃن ٿا، ايمبولينس رڪجن ٿيون، ۽ اهڙن حالتن ۾ موت ٿيڻ جا واقعا رپورٽ ٿيا آهن.

دنيا ۾ سرمائيداري کان وٺي سوشلسٽ ماڊل تائين ڪيترائي نظام موجود آهن. پر انهن سڀني ۾ خامين هوندي بہ، جمهوريت اڻ برابريءَ جو بهترين علاج پيش ڪري ٿي. پاڪستان جو جمهوري فريم ورڪ اشرافيا ۽ عوام جي وچ ۾ خال ڀري سگهي ٿو پر اشرافيا جي قبضي ان کي ڪمزور ڪيو آهي: تحقيق ڏيکاري ٿي تہ ڳنڍيل خاندان سياست تي غالب آهن ۽ سڌارن کي روڪين ٿا. تاريخي طور، اشرافيا جمهوريت جي مخالفت ڪئي آهي، ڇاڪاڻ تہ اڪثريتي چونڊون سندن طاقت ۽ اثاثن کي گهٽائي سگهن ٿيون. پر عالمي مطالعن مان معلوم ٿيو آهي تہ جمهوريت سڀني حالتن ۾ اشرافيا جي غلبي کي گهٽائڻ ۾ ڪامياب نہ رهي آهي. وقت سان گڏ اشرافيا ”طاقت جي قبضي“ ذريعي آهستي آهستي جمهوريت جي جوهر کي ڪمزور ڪيو آهي جهڙوڪ ووٽ جو حق، اظهار جي آزادي، ۽ حڪمرانن ۽ اشرافيا جي جوابدهي. پر، جتي جمهوريت جڙيل آهي، اتي اڻ برابري گهٽجي ٿي ۽ وسيلن جي ورهاست بهتري ڏانهن وڃي ٿي. حمزه علوي جو ”پوسٽ_ڪالونيئل اسٽيٽ“ وارو تجزيو ظاهر ڪري ٿو تہ پاڪستان ۾ پڻ اهڙو اشرافيا گٺ جوڙ جمهوريت کي ڪمزور ڪري ٿو

1970، 1980 ۽ 1990 واري ڏهاڪن جا عوام دوست ۽ بي داغ سياسي اڳواڻ اڄ نظر نٿا اچن. غريب عوام، جيڪي اڻ برابري، اشرافي برتري ۽ حقن جي ڦرلٽ جي وچ ۾ چپ آهن، انهن جي خاموشيءَ جا سبب ڳولهڻ ضروري آهن. هڪ ئي ڳوٺ، شهر يا ضلعي ۾ مخصوص سياستدانن جي پارٽين سان واسطو رکندڙ ماڻهو اڄ بہ ايماندار ۽ شفاف اڳواڻي لاءِ تڙپن ٿا. پر هو يا تہ ننڍن فائدي لاءِ خاموش رهن ٿا يا احتجاج ڪرڻ وقت پوليس جي تشدد، وڏن ماڻهن جي ڏاڍ ۽ ڪڏهن ڪڏهن موت تائين جي نتيجن جي منهن ڏين ٿا جنهن سبب مڪمل خاموشي ڇانيل رهي ٿي. پر هر ايندڙ چونڊ ان خاموشي ۽ خوف کي ٽوڙي ٿي، ۽ عام ماڻهن جي آواز کي وڌيڪ دُور تائين پهچائي ٿي.

اسان جو سماج اشرافيا ۽ طاقت جون بيشمار علامتون ۽ استعارا پيدا ڪري ٿو. انهن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ سياسي بحث، تعليمي سڌارا ۽ انصاف جون تحريڪون ضروري آهن. جديد تعليم هجمونيءَ وارن اصولن کي ٽوڙي سگهي ٿي، ۽ مستحڪم جمهوريت وسيلن جي برابر ورهاست کي يقيني بڻائي سگهي ٿي. آخرڪار، وي آءِ پي ڪلچر سان منهن ڏيڻ لاءِ نظام جي مڪمل مرمت ڪرڻي پوندي، تہ جيئن عملن کي آئيني اصولن سان هم آهنگ ڪيو وڃي، ۽ هڪ سچو ۽ برابري وارو پاڪستان قائم ٿي سگهي، جيڪو اشرافيا ۽ پوسٽ_ڪالونيئل زنجيرن کان آزاد هجي.

ڪتاب ”ٿري لوڪ گيتن جو سماجياتي اڀياس“ جو جائزو

ساجد مسڻ

پروفيسر نور احمد جنجهي صاحب جو هي ڪتاب ”ٿري گيتن جو سماجياتي اڀياس“ پنهنجي نوعيت جو اهم تحقيقي ڪم آهي. ڪتاب جو مهاڳ پڻ پاڻ لکيو آهي. هي ڪتاب پنجن بابن تي ٻڌل آهي، جن ۾ ٿرپارڪر ضلعي جو تعارف، سماجيات، ٿر جو سماج، لوڪ ادب ۽ باب پنجين ۾ مجموعي طور ٿر جا مشهور لوڪ گيت شامل آهن. هن ڪتاب جي وڏي خوبي اها آهي تہ ليکڪ هر موضوع جي اصل روح تائين لهڻ جي صلاحيت رکي ٿو ۽ موضوع جي مناسبت سان اهڙي ئي اصطلاح ۽ ٽرمينالاجي استعمال ڪري ٿو جيڪا پڙهندڙ تي گهري اثر ڇڏي ٿي. ليکڪ ٿري ٻولي کي اهڙي دلچسپ انداز سان استعمال ڪيو آهي، جو پڙهندڙ پاڻ کي ٿر جي ماحول ۾ محسوس ڪري ٿو ۽ سنڌ ۾ لوڪ ادب ۽ لوڪ گيتن تي اڳ ۾ بہ ڪيترن ئي عالمن ڪم ڪيو آهي، جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (”لوڪ گيت ۽ ڳيچ“)، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي، ڊاڪٽر چيتي لولواڻي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو الله بخش نظاماڻي ۽ گل محمد ڪلاڻي شامل آهن. ان سان گڏوگڏ پراڻي پارڪر ۾ منگهارام اوجها، شير ريگستان ۾ محمد اسماعيل عرساڻي، استاد دراڻجند ۽ محمد عثمان ڏيپلائي بہ لوڪ ادب تي اهم لکتون ڏنيون آهن.انهيءَ تسلسل ۾ پروفيسر نور احمد جنجهي صاحب هن موضوع کي هڪ جامع، تفصيلي ۽ ريسرچ بيسڊ انداز ۾ پيش ڪيو آهي. سندس ڪتاب ۾ چويهہ اهم ٿري لوڪ گيت شامل آهن، جن ۾: باد ليئو، پئيئو، چؤماسو، همرچو، نئون همرچو، ڍهوڪو، هيندامڻو، هچڪي، زهونبڪيو، جوڌيو، ڪونجل، للڙ ياڙي لو، مٽيهارو، مومل، راڻو، موريو، پنهياري (1 ۽ 2)، سونٽ جيرو، سانوڻ تيج، وڻجارو، ورسارو، ٽُوڙڙ ٽُوڙڙ، ولاڙو، خيالي گومند ۽ چيل ڀمريو شامل آهن.

ليکڪ هر گيت کي ان جي وقت، حالتن، جذبات ۽ سماجي پس منظر جي مناسبت سان بيان ڪيو آهي.

”هچڪي گيت“ يادگيريءَ سان لاڳاپيل لوڪ گيت، جنهن ۾ جدائي ۽ محبت جا احساس سمايل آهن. صاحبِ ڪتاب نہ صرف سائنسي انداز سان لکيو آهي، پر ساڳي وقت ٿري روايتن موجب جڏهن ڪنهن کي ڪنهن جي ياد ايندي آهي تہ هچڪي ايندي آهي. پاڻ پڙهندڙ لاءِ اها بہ سهولت ڪري ڏني آهي تہ جيڪي گيت ٿري ٻولي ۾ لکيل آهن، انهن کي بريڪيٽ ۾ وري سولي سنڌيءَ ۾ وضاحت پڻ ڪئي آهي ۽ سولي طريقي سان سمجهايو پڻ آهي.

مثال طور هتي هچڪي بابت هڪ گيت جو ٽڪرو شامل ڪجي ٿو.

ننڊو ويرو، موٽو ويرو، منان تيڙو ميلهي،
ٻاپا ٿانري ڏيوڙي پرديس هوئي ري،
ويرڻ هچڪي ،هيرونڙو هچڪي.

هن ٿري گيت ۾ ڪا ڇوڪري جڏهن شادي ڪري والدين کان جدا ٿي وڃي ٿي ۽ پنهنجي ننڍي ڀاءُ، وڏي ڀاءُ، پيءُ ۽ ماءُ کي ساري ٿي اها ڪيفيت هن هچڪي گيت ۾ بيان ڪئي آهي. ٿر جو مشهور ”همرچو گيت“ گڏجي محنت ڪرڻ، همت ۽ اجتماعي جذبي جو اظهار آهي.

هن گيت جون ڪجھ سٽون پيش آهن:

آئي موسم مينهان ري لا،
آيي ۾ آڙنگيو ڙي لا،
ٽڙٽڙ ٻولي تاڙيو لا،
واڏليا پيا واڪين هولا.

هن ڪتاب ۾ ليکڪ لاڳاپيل موضوع تي مختلف عالمن، اديبن ۽ محققن جا مثال ۽ رايا عنوان مطابق ڏنا آهن، جيڪي سندس موضوع کي وڌيڪ تحقيقاتي ۽ سگهارو بڻائين ٿا. هن ڪتاب جي خاص ذڪر جوڳي ڳالهہ اها بہ آهي تہ ليکڪ نہ صرف گيتن کي فڪري ۽ سماجي پس منظر سان پيش ڪيو آهي، پر ٿري ٻوليءَ ۾ ڏنل گيتن جي معنيٰ سولي سنڌيءَ ۾ پڻ وضاحت ڪئي آهي. ڪتاب جي آخر ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ ڏني وئي آهي، جيڪا پڙهندڙ لاءِ وڏي سهولت جوڳي آهي.

پروفيسر نور احمد جنجهي صاحب جو هي علمي ۽ تحقيقي ڪتاب نہ رڳو ٿر جي ثقافتي ۽ سماجي سجاڳ کي اجاگر ڪري ٿو، پر سنڌي لوڪ ادب کي نئين رخ سان پڙهندڙن آڏو پيش ڪري ٿو. سندن لکڻي نہ صرف ادبي ذوق کي تسڪين ڏئي ٿي، پر تحقيقاتي شعور کي بہ هٿي ڏئي ٿي.

ڪتاب جو بڪ ٽائيٽل سنڌ جي نامور ليکڪ ۽ دانشور گل محمد عمراڻي لکيو آهي. ڪتاب سيون اسٽار پرنٽرس اينڊ پبلشرس، حيدرآباد پاران شايع ٿيو آهي.

بقايا ❊++❊++ 01

غزا ۾ اسرائيل جي جنگ جي خاتمي جي تجويز ڪيل منصوبي بابت چونڊيل اسلامي ملڪن کي آگاهہ ڪرڻ هو. هن اجلاس ۾ پاڪستان، سعودي عرب، گڏيل عرب امارات، قطر، مصر، ترڪي، اردن ۽ انڊونيشيا جي سربراهن شرڪت ڪئي. باضابطا ملاقات کان اڳ ٽيليويزن تي نشر ٿيل ڳالهہ ٻولهہ موجب، ملاقات ۾ شريڪ قطري امير چيو تہ هن اجلاس جو مقصد غزا ۾ جنگ جو خاتمو ۽ اسرائيلي يرغمالين جي آزادي آهي؛ جو هو سمجهن ٿا تہ غزا ۾ جنگ ختم ڪرائڻ لاءِ آمريڪا ئي مدد ڪري سگهي ٿو. ان جي جواب ۾ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو تہ ”اسان اسرائيلي يرغمالين جي آزادي چاهيون ٿا ۽ دنيا ۾ ڪو بہ اهو نہ ٿو ڪرائي سگهي سواءِ هن ڪمري (چونڊيل اسلامي ملڪن) جي تنهنڪري هيءَ ملاقات مون لاءِ هڪ اعزاز آهي.“ ٽرمپ چيو تہ ”جنرل اسيمبلي جي اجلاس جي موقعي تي منهنجون 32 ملاقاتون رٿيل آهن، پر هيءَ سڀ کان اهم ملاقات آهي، اسان ان شيءِ (جنگ) کي ختم ڪرڻ وارا آهيون جيڪا شروع ئي نہ ٿيڻ گهرجي ها.“

بقايا ❊++❊++ 02

ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻہ ماڻهو زخمي ٿيا ۽ انهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس اختيارين چيو تہ واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا ❊++❊++ 03

قرارداد وائيس چيئرمين اقبال هنگورو جمع ڪرائي آهي جنهن ۾ 14 ميمبرن جون صحيحون آهن قرارداد جي متن مطابق لياري ٽائون ۾ ترقياتي فنڊن ۾ گهوٽالو ڪيو ويو آهي گهٽيون ۽ رستا ٺهرائڻ آهن چيئرمين لياري ٽائون عوامي مسئلا حل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو صفائي ڪندڙ 160 ملازمن کي واپس ڪرڻ تي 35 لک رپيا ماهوار ڪرپشن جي قرارداد ۾ چيو ويو آهي تہ ڪرپشن ڪرڻ لاءِ ڪروڙين رپين جا فائيل ڏاهيا ڏنا ويا آهن لياري ٽائون جا گندا پاڻي ۽ سيوريج مسئلن کي بہ حل ناهي ڪيو ويو ٽائون ڪائونسل جو هر مهيني ۾ اجلاس ٿيڻ گهرجي جڏهن تہ هن رڳو 20 اجلاس ٿيا آهن قرارداد جي متن مطابق ٽائون ۾ ترقي جو ڪو بہ ڪم ناهي چيئرمين لياري ٽائون کي عهدي تان هٽايو وڃي لياري ٽائون جو اجلاس سڏائي چيئرمين جي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا ❊++❊++ 04

جنهن ڪري دريائي ٻوڏ اچي رهي آهي. لاهور جي فلڊ فورڪاسٽنگ ڊويزن موجب، گنڊا سنگهہ والا وٽ گهٽ سطح جي ٻوڏ آهي، پر پاڻي جي وهڪري 236,000 ڪيوسڪ ٿي وئي آهي. ساڳئي طرح، ستلج درياهہ ۾ گنڊا سنگهہ والا تي پاڻي جي آمد گهٽجي وئي آهي، پاڻي 56,000 ڪيوسڪ آهي، جنهن ڪري گهٽ سطح جي ٻوڏ آهي. ٻئي طرف، هيڊ اسلام ۽ هيڊ سليمانڪي تي بہ گهٽ سطح جي ٻوڏ آهي.

بقايا ❊++❊++ 05

چئين تہ هزارين ڊالر انعام رکڻ گهرجي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي فاروق ستار چيو تہ گرين لائين منصوبو ڪجھ مهينن ۾ مڪمل ٿيڻو هو پر 18 سيپٽمبر تي گرين لائين منصوبي تي ڪم کي روڪيو ويو هن چيو تہ ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو تہ اين او سي ناهي ورتي وئي، اين او سي تہ هاڻي بہ هٿي تہ ڪم روڪڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، ميئر ڪراچي پاڻ هڪ بہ دعويٰ تي پورو ناهي لٿو فاروق ستار چيو تہ 2017 ۾ گرين لائين اين او سي وٺي وئي هئي ڪم کي زبردستي روڪيو ويو هن چيو تہ ڪريڊٽ وٺڻ لاءِ ايم ڪيو ايم جو ملبو هو اها ڳالهہ ميئر ڪراچي جي هضم نہ ٿي هن چيو تہ سنڌ حڪومت ريڊ لائين جي منصوبي ۾ اڄ تائين ڪير قاتل آهي، ڪيترا منصوبا آهن جيڪي پيپلز پارٽي مڪمل نہ ڪيا، وقت وڃائي ڇڏيو پيپلز پارٽي کان عوامي منصوبن ۽ رليف جي اميد نہ ڪئي وڃي. فاروق ستار چيو تہ 2008 کان هيستائين هن جي صرف ڪي فور منصوبو ئي لٽڪيل رهيو پر ڪجھ تہ اڄ سگهيو پر هاڻ ڪي فور منصوبو مڪمل ٿيڻ جو رهيو آهي ۽ اهو صرف ايم ڪيو ايم جي ڪري ئي ٿيو هو هن چيو تہ هاڻي بہ ٿيڻ جو اچي ويندو پر انهي جي ورهاست جو ٿي ڳنڍي ايم ڪيو ايم اڳواڻ چيو تہ سياسي اختلاف هجڻ جو مطلب عوامي مفادن جي ڪمن کي روڪڻ ناهي هوندو هن تعنو ڪري تہ پاڻ ڪجھ ڪنداسين. ڪراچي ۾ ٻہ وري ڪنهن بہ ڪرڻ ڏينداسين. ڪراچي ۽ تعميراتي منصوبن کي سياست جي حوالي ڪيو ويو آهي.

بقايا ❊++❊++ 06

نواز علي پريس ڪلب ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ پنجاب ۾ سيلاب متاثرين ۽ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن، تنهن تي حڪومت پنجاب اڃا تائين انهن لاءِ جامع لائحہ عمل اختيار ناهي ڪيو آهي هن چيو تہ جڏهن اسان سيلاب متاثرين جي ڳالهہ ڪيون ٿا تہ ن لڳ ٿا دوست ان تي تنقيد ڪئي، شازيہ مري چيو تہ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سيلاب متاثرين جي ڏک کي نظر ۾ رکندي پنهنجي سالگرهہ جي جشن کي ملتوي ڪيو اهو ئي اصل قيادت آهي جيڪا عوام جي ڏک کي پنهنجو ڏک سمجهي ٿي هن چيو تہ پاڪستان ماحولياتي تبديلي جي سڀ کان وڌيڪ شڪار آهي ۽ موجوده حالتن ۾ عالمي برادري کي اڳتي وڌي سيلاب متاثرين جي مدد ڪرڻ گهرجي هن ٻڌايو تہ سنڌ ۾ سيلاب سبب متاثر ٿيل 2.1 ملين گهرن جي تعمير جاري آهي ۽ لکين هزارين گهرن جي تعمير مڪمل ڪئي وئي آهي، عورتن کي زمين ۽ صنعتن تائين رسائي ڏئي کين بااختيار بڻايو ويو آهي، جيئن اهي معيشت ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪري سگهن.شازيہ مري چيو تہ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي مشن مطابق شروع ڪيو ويو هو ۽ ان وٽ هڪ منفرد ۽ شفاف انگ اکر موجود آهي انهن انگ اکرن ذريعي 2022 ۾ 70 ارب رپيا سيلاب متاثرن ۾ ورهايا ويا، جڏهن تہ اڄ سيني صوبائي حڪومتن پنهنجي رليف پيڪيج لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي استعمال ڪيو انگ اکرن مان فائدو وٺي رهيون آهن هن چيو تہ بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن آهي تہ پنجاب ۾ فوري طور سيلابي پاڻي کي نيڪال ڪيو وڃي، متاثرين کي راشن، مڇرداني ۽ مالي امداد فراهم ڪئي وڃي هن آخر ۾ شازيہ مري چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي هميشہ سيلاب متاثر ڪٽنبن ۽ هارين جو آواز بلند ڪندي رهندي ۽ متاثرين کي ڀرپور رليف ڏيڻ ۾ ڪو بہ ڪسر نہ ڇڏي ڪردار ادا ڪندي، چو تہ ملڪ جو وچولو طبقو، هاري، مزدور ۽ غريب ماڻهو پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي ڏانهن ڏسي رهيو آهي.

بقايا ❊++❊++ 07

حوالي سان هڪ خط پڻ جاري ڪيو آهي. جنهن مطابق گريڊ هڪ کان 17 تائين جي صوبائي ملازمن کي آسان قسطن تي قرض فراهم ڪيا ويندا، خط ۾ چيو ويو آهي تہ سيڪريٽريٽ ملازمن کي قرض لاءِ 100 ملين رپيا ۽ ٻين ملازمن لاءِ 240 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن.خط موجب حڪومت گاڏي لاءِ 200,000 رپيا ۽ گهر ٺاهڻ لاءِ 250,000 رپيا ايڊوانس فراهم ڪندي، خط ۾ اهو بہ واضح ڪيو ويو آهي تہ هلندڙ سال جي بجيٽ ۾ هن قرض لاءِ 340 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن.

بقايا ❊++❊++ 08

جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا ۽ کين اهي سڀ سهولتون ڏنيون وينديون جن سان هو آسانيءَ سان شڪار ڪري پنهنجو گذر سفر ڪري سگهن. هن اها ڳالهہ اڄ پنهنجي آفيس ۾ ماهيگيرن جي اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي چئي، جنهن ۾ سنڌ جي ماهيگيرن کي درپيش مسئلن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي صوبائي وزير چيو تہ ماهيگيرن جي ٻيڙين جي رجسٽريشن فشريز کاتي هيٺ لازمي آهي تہ جيئن غير مجاز ماڻهن کي ماهيگيري کان روڪي سگهجي. هن واضح ڪيو تہ هاڻي رڳو ماهيگير ئي سمنڊ ۾ وڃي سگهندا جن وٽ بائيوميٽرڪ تصديق مڪمل هوندي ۽ جن وٽ ڪمپيوٽرائيزڊ سڃاڻپ ڪارڊ يا اسمارٽ ڪارڊ هوندو جنهن جي ٻيڙي سرحدي حد پار نہ ڪن ۽ بلوچستان جي صوبائي حدن ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ بہ کين بروقت آگاهي ڏني ويندي. وزير کي ٻڌايو ويو تہ غير قانوني جارن جي ڪري سنڌ جي سامونڊي حدن ۾ مڇي جا ذخيرا تيزي سان ختم ٿي رهيا آهن. محمد علي ملڪاڻي چيو تہ جيڪا ٻيڙي سمنڊ ۾ ويندي اها فشريز کاتي ۾ رجسٽر هجڻ لازمي آهي. هن اڳتي چيو تہ مقصد غير قانوني ماهيگيري کي روڪڻ، وسيلن جي حفاظت ڪرڻ ۽ اصل ماهيگيرن جي حقن کي يقيني بڻائڻ آهي. صوبائي وزير آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ صرف سڃاڻپ ڪارڊ رکندڙ ماهيگيرن کي رجسٽر ڪيو وڃي. هن چيو تہ سيڪيورٽي جا اهم مسئلا جيڪي ڪور ڪمانڊر اجلاس ۾ سامهون آيا هئا، انهن جو فوري حل ضروري آهي. وڌيڪ چيو تہ جيٽين جي رجسٽريشن ڪرائيندڙ مالڪن کي پابند ڪيو وڃي تہ هو پنهنجي علائقي ۾ سڀ بنيادي سهولتون فراهم ڪن. وزير ٻيڙين جي بائيوميٽرڪ ۽ فشريز کاتي جي سهڪار سان ماهيگير ٻيڙين تي جديد وي ايم ايس (Vessel Monitoring System) لڳائڻ جو عمل جاري آهي ۽ ان جو مقصد اهڙو نظام هجي جنهن وسيلي سمنڊ ۾ ويندڙ ٻيڙين جي مؤثر نگراني ٿي سگهندي ۽ ڪنهن بہ غير قانوني يا غير رجسٽرڊ سرگرمي جي فوري طور تي روڪ ٿام ڪئي ويندي. صوبائي وزير وڌيڪ واضح ڪيو تہ فشريز کاتو سخت عملدرآمد ڪندو. غير رجسٽرڊ ٻيڙين ۽ بغير سڃاڻپ ڪارڊ وارن ماڻهن کي سمنڊ ۾ وڃڻ جي هرگز اجازت نہ ڏني ويندي. هن وڌيڪ چيو تہ خلاف ورزي ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. هن لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي تہ هر سطح تي ماهيگير برادريءَ جي تعاون ۽ عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي. هن وڌيڪ چيو تہ ٻيڙين جي رجسٽريشن، وي ايم ايس جي تنصيب ۽ سڃاڻپ ڪارڊ جي فراهمي سان ماهيگير برادري لاءِ تحفظ ۽ مؤثر طريقا پيدا ٿيندا، ان سان نہ صرف ماهيگيرن جي مستقبل کي محفوظ بڻائي سگهجي ٿو. هن ٻڌايو تہ گذريل 15 سالن کان سنڌ حڪومت نئين ڀرتين تي لڳل پابندي سبب ملازمن جي عملي جي سخت کوٽ آهي، جڏهن تہ ملازمن جي رٽائرمينٽ ۽ فوتگين جي ڪري، عملي جي گهٽتائي پيدا ٿي آهي. هن زور ڏنو تہ اهڙو نظام مضبوط ڪيو وڃي جنهن وسيلي ماهيگيرن کي سمنڊ ۾ قدرتي آفتن، خاص طور طوفانن بابت بروقت اطلاع ملي سگهي ۽ جيئن جاني نقصان کان بچي سگهجي. اجلاس ۾ سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز ڊاڪٽر ڪاظم جتوئي، پاڪستان ميري ٽائيم سيڪيورٽي ايجنسي جا ڪيپٽن عبدالله، پاڪستان رينجرز جا ڪرنل غلام اڪبر، ڪسٽمز جا اسسٽنٽ ڪليڪٽر ياسر بيگ، ڊي جي ايف ڊاڪٽر منصور واسڻ، ڊي جي ميرين فشريز سراج احمد سولنگي، ڊي جي ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي زاهد ڪيمتيو ۽ ڊائريڪٽر ميرين عاصم ڪرير شرڪت ڪئي.

بقايا ❊++❊++ 09

رنڊڪن جو شڪار ٿي ويو آهي. وفاقي حڪومت واضح ڪري چڪي آهي تہ هو منصوبي لاءِ ڪا فنڊنگ ڪندي ۽ نہ ئي ڪنهن ڪمپني سان معاهدو ڪندي، سنڌ حڪومت چاهي تہ پاڻ ڪري. جڏهن تہ سنڌ حڪومت بار بار 3 کان 4 سالن کان وفاق کي سمجهائڻ ۽ سي پيڪ ۾ شامل ڪرائڻ جون ڪوششون ڪيون پر ڪجھ بہ نہ نڪتو صدر ۽ وزيراعظم چين مان موٽي آيا تہ اهو واضح ٿي ويو تہ 150 ارب ڊالر جي سرڪلر ريلوي منصوبي تي ڪا اڳڀرائي ناهي ٿي. شهر ۾ اڳ ريلوي ٽريڪ ۽ ٽرام هلندي هئي، جيڪا وقت سان بند ڪئي وئي هاڻي جتي سرڪولر ريلوي جو پراڻو ٽريڪ هو اتي قبضن، رهائشي اڏاوتن ۽ فليٽن جو جار وڇائجي ويو آهي، جنهن سبب ٽرين لاءِ رستو ئي نظر نٿو اچي. چيني ڪمپنين پاران بہ منصوبي کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت هلائڻ جي آڇ ڪئي وئي هئي، پر وفاقي حڪومت ان تي بہ راضي نہ ٿي. اسلام آباد ۽ لاهور ۾ ٽرينون هلڻ باوجود ڪراچي کي نظرانداز ڪرڻ پنجاب جي سياسي پاليسي جو تسلسل آهي، وسيلن جي ورهاست، ترقياتي بجيٽ ۽ قومي معاملن ۾ سدائين پنجاب کي اوليت ڏني وئي، جڏهن تہ سنڌ، بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا کي پٺتي ڌڪيو ويو. ان صورتحال تي سنڌ جي سياسي ڌرين ۾ ٻيچيني آهي.

بقايا ❊++❊++ 10

۽ 13 پارٽي سرپرستي ۾ سرگرم خارجي مارجي ويا. آءِ ايس پي آر ٻڌايو تہ مارجي ويل دهشتگردن وٽان هٿيار، گولا ۽ بارود بہ برآمد ڪيو ويو آهي جيڪي ڪيترين ئي تخريبي ڪارروائين ۾ ملوث هئا.

بقايا ❊++❊++ 11

چيو تہ اهو زيادتي جي برابر آهي. اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي چيئرمين علامہ ڊاڪٽر راغب نعيمي جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ڪائونسل سپريم ڪورٽ جي 11 سيپٽمبر تي فيصلي تي بہ غور ڪيو ويو جنهن ۾ نڪاح ڪانپوءِ رخصتي کان اڳ طلاق جي صورت ۾ خرچ جي ادائيگي لازمي قرار ڏني وئي هئي، ڪائونسل موجب اهو فيصلو قرآن ۽ سنت جي خلاف آهي. انساني کير ذخيرو ڪندڙ ادارن جي قيام جي حوالي سان ڪائونسل چيو تہ مخصوص شرطن تحت اهڙا ادارا قائم ڪري سگهجن ٿا پر ان کان اڳ لازمي قانون سازي ڪئي وڃي ۽ ان عمل ۾ ڪائونسل کي شامل ڪيو وڃي. ڪائونسل ديت جي قانون ۾ تجويز ڪيل ترميمن جي بہ مخالفت ڪندي چيو تہ ديت جي قانون ۾ ترميم لاءِ پيش ڪيل بل سان اتفاق نٿا ڪيون، بل ۾ چانديءَ جي قيمت ختم ڪرڻ ۽ سون جي غير شرعي مقدار کي معيار بڻايو ويو آهي. ڪائونسل چيو تہ ديت جا سون، چاندي ۽ اٺ جا ثابت شرعي مقدار قانون جو حصو رهڻ گهرجن اسلامي نظرياتي ڪائونسل شگر جي مريضن لاءِ حلال جزن مان تيار ڪيل انسولين جي استعمال جي اجازت ڏني پر خنزير جي جزن تي ٻڌل انسولين کان پرهيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ ان حوالي سان مناسب قانون سازي تي زور ڏنو.

بقايا ❊++❊++ 12

سينيٽر روبينا خالد چيو آهي تہ ٻوڏ جي صورتحال ۾ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ کان پاسو ڪيو وڃي، هڪ سياسي اڳواڻ بيان ڏنو تہ بي آءِ ايس پي فراڊ آهي، جيڪو ڪوڙ ڳالهائڻ جي برابر آهي، هن کي معافي گهرڻ گهرجي، لاهور ۾ بي آءِ ايس پي هيڊڪوارٽر ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي روبينا خالد چيو تہ 2022 ۾ جي ٻوڏ ۾ بي آءِ ايس پي 70 ارب رپين جي هنگامي امداد ڏني هئي، اهو ئي پروگرام آهي جيڪو متاثرين تائين سڀ کان تيز، شفافيت ۽ وسيع پهچ سان مدد پهچائي ٿو بي آءِ ايس پي غريبن جي بقا ۽ عزت جو سهارو آهي، ڪرونا ۾ بہ لکين خاندانن کي ساڳي پروگرام ذريعي رليف مليو. سينيٽر روبينا خالد چيو تہ بي آءِ ايس پي وٽ مڪمل ڊيٽا آهي جنهن سان متاثرين کي بروقت امداد ڏني پئي سگهي، پروگرام سان هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ خاندان لاڳاپيل آهن، ورلڊ بئنڪ ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ ان جي مانيٽرنگ ڪن ٿا ۽ باقاعدي آڊٽ پڻ ٿئي ٿي، دنيا جا ٻيا ملڪ بہ بي آءِ ايس پي مان سکڻ لاءِ اچي رهيا آهن، هن پروگرام ذريعي لکين ٻار تعليمي وظيفا وٺي رهيا آهن ۽ ”بينظير نشونما پروگرام“ جي ڪري ماءُ ۽ ٻار جي صحت ۾ بہ بهتري آئي آهي، پنجاب، سوات ۽ باجوڙ ۾ موبائل ٽيمون متاثرين جي سروي ڪري رهيون آهن.

بقايا ❊++❊++ 13

ويندي، ياد رهي تہ اڳ ئي ريلوي ٽريڪ تي ڏاهڪي ۾ 6 بوگيون پٽڙي تان لهي ويون هيون. واقعي ۾ 5 مسافر معمولي زخمي ٿيا.

بقايا ❊++❊++ 14

لاءِ ڪو بہ مدينہ ڪڏهن ڪو هدف رهيا آهن ان پس منظر ۾ سعودي عرب پنهنجي دفاع لاءِ هڪ ايٽمي ڇتري حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ هن معاملي ۾ پاڪستان تہ لاءِ وڏي اميد ظاهر ٿي رهي آهي، ماهرن وضاحت ڪئي تہ معاهدي ۾ هن دفاعي تعاون کي ”اسٽريٽجڪ سطح تي وڌايو ويو آهي“ پاڪستان وٽ ايٽمي هٿيار يا ٽيڪنالاجي جي منتقلي جو ڪو ذڪر ناهي. ڊاڪٽر صديقہ موجب سعودي عرب جي خواهش آهي تہ هو يا تہ پاڻ ايٽمي صلاحيت حاصل ڪري يا گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان جي ايٽمي ڇتري ۾ اچي، هن چيو تہ ڪنهن وڏي حڪومت معاهدي جي ڪا تنقيد ناهي ڪئي. پر عالمي ميڊيا ۾ هي ڳالهہ اهم آهي تہ ماهرين تجزيہ نگارن موجب جيڪڏهن پاڪستان سعودي عرب کي ايٽمي هٿيار يا ٽيڪنالاجي منتقل ڪئي تہ اهو نہ صرف اسرائيل ۽ مغربي دنيا ۾ ڳڻتي جو سبب بڻجندو. پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ هي دفاعي معاهدو هڪ وڏي پيش رفت آهي ۽ اهو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ گهري لاڳاپن کي ظاهر ڪري ٿو. سعودي عرب جي دفاعي طاقت ۾ واڌارو ٿيندو ۽ خطي ۾ ”سعودي عرب جي ايٽمي ڇتري“ طور پيش ڪيو ويو آهي، جنهن سبب هي طرف هي خدشو بہ ظاهر ڪيو پيو وڃي تہ پاڪستان کي بناسبت اسرائيل ۽ مغرب جي نظر ۾ آندو پيو وڃي.

بقايا ❊++❊++ 15

ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي. وزيراعظم شهباز شريف آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪرسٽالينا جارجيوا سان ملاقات ۾ چيو تہ پاڪستان بتدريج پنهنجي انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) پروگرام تحت پنهنجي واعدن کي پورو ڪري رهيو آهي. پر هن زور ڏنو تہ آءِ ايم ايف کي ملڪ جي ايندڙ جائزي ۾ تازي ٻوڏ جي نقصانن کي بہ حساب ۾ رکڻ گهرجي. اجلاس ۾ پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف جي وچ ۾ جاري معاشي تعاون، سڌارن جي قدمن ۽ مستقبل جي پائيداري تي بحث ڪيو ويو ۽ وزيراعظم آءِ ايم ايف جي پاڪستان سان ڏگهي عرصي کان تعميري ڀائيواري جي تعريف ڪئي، جنهن جي اڳواڻي ۾ پاڪستان جي معيشت کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو عزم ڏهرايو. هن آءِ ايم ايف جي پاليسين جو شڪريو ادا ڪيو جنهن ۾ 2024 لاءِ 3 ارب ڊالر اسٽينڊ بائي ارينجمينٽ، 7 ارب ڊالر جو ايڪسٽينڊڊ فنڊ فيسيليٽي (اي ايف ايف) ۽ 1.4 ارب ڊالر جو ريزيلينس اينڊ سسٽينبلٽي فيسيليٽي (آر ايس ايف) شامل آهن. وزيراعظم چيو تہ حڪومت پاران ڪيل مسلسل سڌارن جي نتيجي ۾، پاڪستان جي معيشت بهتري جا نشان ڏيکاري رهي آهي ۽ ملڪ هاڻي بحالي جي رستي تي آهي. آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر پاڪستان ۾ ٻوڏ متاثر ماڻهن سان همدردي جو اظهار ڪيو ۽ بحالي جي قدمن ۾ نقصان جي تشخيص جي اهميت کي اجاگر ڪيو، آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر وزيراعظم جي مضبوط ميڪرو اڪنامڪ پاليسين تي عمل ڪرڻ جي عزم جي تعريف ڪئي ۽ آءِ ايم ايف جي مسلسل مدد کي ورجايو جيئن پاڪستان پائيدار ۽ گهڻي مدت جي اقتصادي ترقي کي يقيني بڻائڻ لاءِ معاشي سڌارا شروع ڪري رهيو آهي. وزيراعظم عالمي بئنڪ جي صدر اجئي بنگا سان بہ ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٻوڏ جي صورتحال ۽ پاڪستان ۾ عالمي بئنڪ جي منصوبن تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي. ملاقات ۾ نئين ڪنٽري پارٽنرشپ فريم ورڪ، توانائي شعبي ۽ سڌارن تي بحث ڪيو ويو ۽ ٻنهي ڌرين اقتصادي ترقي کي فروغ ڏيڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا ❊++❊++ 16

ڏنو ايراني قوم جي اتحاد، يورينيم جي افزودگي ۽ آمريڪا سان لاڳاپا. آمريڪا سان ڳالهين جي حوالي سان هن چيو تہ ”آمريڪا سان ڳالهين جو ڪو فائدو ناهي ۽ اهو نقصانڪار بہ آهي ۽ ڪو بہ عزت وارو ملڪ اهڙين ڳالهين کي قبول نہ ڪندو.“ خامنہ اي چيو تہ آمريڪا پنهنجي واعدن کي ٽوڙي ٿو، ڌمڪيون ڏئي ٿو ۽ موقعو ملڻ تي قتل بہ ڪري ٿو ۽ اهڙي حڪومت سان ڳالهيون ڪرڻ سان ”رڳو نقصان“ ٿيندو هن چيو تہ ”انهن ڳالهين جو نتيجو ايران جي جوهري سرگرمين ۽ افزودگيءَ جي بندش آهي.“ ايران جي رهبر اعليٰ چيو تہ ملڪ جي ترقي جو راز مضبوط ٿيڻ ۾ آهي، اسان کي مضبوط ٿيڻ گهرجي، فوجي طاقت ضروري آهي، سائنسي طاقت ضروري آهي، رياستي ۽ ساختي طاقت ضروري آهي. هن ان ڳالهہ تي بہ زور ڏنو تہ جڏهن اسان مضبوط هونداسين تہ ٻاهريون دٻاءُ ڪو خطرو نہ ٿيندو. ايران جي سپريم ليڊر ملڪ جي جوهري صنعت جي بندش ۽ افزودگي جو حوالو ڏيندي چيو تہ آمريڪي عملدارن جي بيانن جو حوالو ڏيندي چيو تہ ايران عوام جي مطالبن کي ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندو. ياد رهي تہ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو هو تہ ”اسان ڪنهن بہ صورت ۾ ايران کي جوهري هٿيار ٺاهڻ نہ ڏينداسين“ هن اهو بہ چيو هو تہ ”آمريڪا ڪنهن تي بہ ڀروسو نٿو ڪري.“ ياد رهي تہ اسرائيل سان 12 ڏينهن جي جنگ دوران آمريڪا نطنز، اصفهان ۽ فردو ۾ ايران جي جوهري تنصيبات تي بمباري ڪئي هئي.

بقايا ❊++❊++ 17

ڪوشش جي حمايت ڪري ٿو سلامتي ڪائونسل جي حمايت ڪندي هن چيو تہ پاڪستان ڌرين کي تحمل ۽ برداشت کان ڪم وٺڻ جو مطالبو ڪري ٿو هن چيو تہ تڪرار طاقت جي زور تي حل نہ ٿا ٿي سگهن تڪرار سبب خوراڪ توانائي عالمي معاشي واڌ سميت وڌيڪ مسئلا جنم وٺي رهيا آهن.

بقايا ❊++❊++ 18

رهي تہ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي کي خطاب ڪندي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو هو تہ سڀ سمجهن ٿا تہ مون کي نوبل انعام ملڻ گهرجي. نيويارڪ ۾ فرانسيسي ميڊيا کي ڏنل انٽرويو ۾ ميڪرون کان ٽرمپ جي انهي خواهش جي باري ۾ سوال ڪيو ويو هو تہ هن چيو تہ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ صدر ٽرمپ 7 جنگون روڪرائڻ جو بيان ڏنو پر نوبل امن انعام صرف تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن غزا ۾ انهي تڪرار کي ختم ڪيو وڃي. انهي لاءِ اسرائيل تي دٻاءُ وجهڻ ضروري آهي تہ هو غزا ۾ جنگ بند ڪري. فرانسيسي صدر چيو تہ آمريڪا ئي غزا ۾ جنگ بند ڪرائي سگهي ٿو چو تہ اسان اسرائيل کي اهي هٿيار نٿا ڏيون جن سان هو غزا ۾ جنگ ڪري پر آمريڪا ڏيندو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ ايمانوئيل ميڪرون چيو تہ جيڪڏهن اسرائيل فلسطين جي رياست مڃڻ تي فرانس تي پابندي لڳائي تہ اسان ان جو جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. هن چيو تہ جيڪڏهن غزا ۾ جنگ جاري رهي ۽ اسرائيلي فوج شهرين جو قتل جاري رکي تہ ان تي اسان خاموش نٿا رهي سگهون.

بقايا ❊++❊++ 19

جي سربراهہ، ايئرچيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران، ٻنهي اڳواڻن پائيدار دفاعي تعاون لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو ۽ گڏيل تربيتي قدمن ۽ هوائي صنعت ۾ هر ممڪن تعاون تي بحث ڪيو. پي اي ايف چيف معزز مهمان جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ۽ کيس پي اي ايف پاران ڪيل پيش رفت کان آگاهہ ڪيو جنهن ۾ انفراسٽرڪچر جي ترقي لاءِ مختلف جاري منصوبا، ان جي تربيتي شعبي جي بحالي ۽ جديد ٽيڪنيڪل صلاحيتن جي حصيداري شامل آهن. هن وڌيڪ چيو تہ اهي اسٽريٽجڪ قدم پي اي ايف جي آپريشنل صلاحيتن ۽ ملٽي ڊومين وارفيئر جي ميدان ۾ ان جي ٽيڪنيڪل برتري کي وڌيڪ مضبوط ڪندا. ايئر چيف ان ڳالهہ تي بہ زور ڏنو تہ پاڪستان ۽ بحرين جا پراڻا مذهبي ۽ تاريخي لاڳاپا آهن، جيڪي ٻنهي ملڪن جي فوجن جي وچ ۾ بہ مثالي دفاعي تعاون جو مظهر آهن. ان کان علاوہ، انهن مختلف شعبن ۾ ٻطرفي دفاعي تعاون کي وڌيڪ وڌائڻ جي پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو، خاص طور تي تربيت، گڏيل هوائي مشقون ۽ علم جي تبادلي. ملاقات ۾، جنرل شيخ محمد بن عيسيٰ بن سلمان الخليفا پاڪ فضائيہ جي سربراهہ کي ڀارت سان تازي تڪرار دوران پاڪستان جي هوائي فوج جي شاندار ڪارڪردگي تي مبارڪباد ڏني ۽ ان جي اهلڪارن جي پيشيورانہ صلاحيت، آپريشنل تياري ۽ غير معمولي جرئت جي تعريف ڪئي. ڪمانڊر بحرين نيشنل گارڊ تربيت جي شعبي ۾ تعاون کي فروغ ڏيڻ جي پنهنجي ڏگهي عرصي جي خواهش جو اظهار ڪيو ۽ ملاقات مشقون ذريعي گڏيل تربيت جي اهميت تي بحث ڪيو. هن پاڪستان هوائي فوج سان ٻطرفي تربيتي مشقن ۽ گڏيل منصوبن ۾ پنهنجي گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو ۽ چيو تہ اهڙا قدم باهمي ترقي ۽ گڏيل آپريشنل تجربن لاءِ هڪ بهترين پليٽ فارم فراهم ڪندا. هن دوري ڀائيچاري ۽ هوائي ڀائيواري جي پائيدار رشتي کي وڌيڪ وڌايو ۽ معزز مهمان پاڪستان هوائي فوج جي خود انحصاري جي مهم ۽ علائقائي سطح تي طاقت جي توازن کي برقرار رکڻ ۾ ان جي قيادت جي انهن ڪوششن جي تعريف ڪئي. ٻنهي معززين باهمي طور تي اتفاق ڪيو تہ بحرين هوائي فوج جو ڪمانڊر ٻطرفي ڳالهين جي ايندڙ دور لاءِ ويجهي مستقبل ۾ پاڪستان جو سرڪاري دورو ڪندو. پاڪستان ايئر فورس جي سربراهہ ۽ بحرين نيشنل گارڊ جي ڪمانڊر جي وچ ۾ اها ملاقات ٻنهي ملڪن جي فوجي تعاون کي وڌائڻ ۽ ادارتي تعاون جي فروغ جي عزم جو واضح ثبوت آهي، انهي سان گڏ علائقائي سيڪيورٽي چئلينجن جي تناظر ۾ ٻطرفي دفاعي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ.

بقايا ❊++❊++ 20

هن چيو تہ پنجاب ۾ تباهي آڻيندڙ ٻوڏ سبب 40 لک کان وڌيڪ ماڻهو متاثر ٿيا آهن. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ٻوڏ سبب متاثر ماڻهن جي امداد جي فراهمي جو سڀني کان تيز ۽ مؤثر ذريعو آهي. آصفہ ڀٽو زرداري چيو تہ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام رياست وٽ هڪ اهڙو ادارو آهي جنهن وٽ متاثر ماڻهن جو ڊيٽا ۽ انهن تائين پهچ جي صلاحيت موجود آهي. ٻوڏ سبب متاثر ماڻهن جي مدد لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي استعمال نہ ڪرڻ ڪوتاهي جي برابر هوندي.

بقايا ❊❊❊ 21

آهي تہ ڪريم آباد انڊرپاس 1.5 کان 2 مهينن ۾ مڪمل ٿي ويندو گرين لائين لاءِ 2017 ۾ اين او سي جاري ڪيو ويو هو وفاقي ادارو 2025 ۾ 2017 جي اين او سي تي ڪم ڪرڻ چاهي ٿو، اهو غير قانوني آهي هو پنهنجي ڳالهہ ڪري رهيا آهن تہ اسان صحيح آهيون ۽ ميئر غلط آهي هن چيو تہ گرين لائين منصوبي جي ڪري ايم اي جناح روڊ خراب حالت ۾ آهي ۽ ايم اي جناح روڊ جي اسٽريٽ لائيٽس ۽ سيوريج سسٽم سڀ خراب ٿي چڪو آهي ۽ هو اهي اڃا تائين گرين لائين ٽاور پر جامع پنهنجي مارڪيٽ ٺاهي رهيا آهن. ڪراچي جي ميئر چيو تہ گرين لائين جو ڪم ٻيهر شروع ڪرڻ لاءِ اسان کي 7 جولاءِ 2025 تي خط لکيو ويو هو ۽ 9 جولاءِ تي هن جواب ڏنو ۽ چيو تہ ٺيڪ آهي ڪم شروع ڪريو ڪنهن اجازت کان پر ڪم ڪيو ويو ۽ ڪريم آباد اڏاوت جو ملبو ڪيو ويو هو. هن چيو تہ اسان جون ٻيون ڪم شروعات ۽ آخرجي تاريخون ڏنيون وڃن، پر اسان کي ڪا بہ تاريخ نہ ڏني وئي، ڪراچي جي ميئر چيو تہ اسان جو ڪو بہ خط جو جواب نہ ڏنو ويو ۽ ٻيهر ڪم ڪرڻ کان روڪيو ويو. هن چيو تہ گرين لائين ڪراچي جي وڏن منصوبن ۾ هڪ آهي. هن چيو تہ وفاقي حڪومت جو ڪو بہ اداري ڪري حڪومت جي نظرانداز ڪرڻ جو حق ڪنهن جو نہ آهي. مرتضيٰ وهاب چيو تہ بي آر ٽي کي هٿ ڏيڻ جو اسان کي هو جيڪو اسان کي ڪونهي. ٻيهر بحال ڪيو وڃي. هن چيو تہ اين او سي 9 سالن کان پوءِ ڪوڙو آهي هن چيو تہ اهي چون ٿا تہ ميئر کي پيشا ڏيڻ لاءِ ڪا ايس او ناهي. مصطفيٰ ڪمال جي دور ۾ وفاقي حڪومت مقامي حڪومت کي پيشا ڏيندي هئي، ريڊ لائين منصوبي بابت ڳالهائيندي هن چيو تہ ريڊ لائين جو ڪم شروع ڪري ان جو معاهدو ڪيو ويو. اسان کي حڪومت جي آئيني ڪم ۾ هٿ نہ وجهڻ گهرجي. هن چيو تہ اسان جي ڪوشش آهي تہ منصوبي کي جلد مڪمل ڪيو وڃي. هن چيو تہ گرين لائين جي بي آر ٽي ڪري تہ ڪريم آباد انڊرپاس 1.5 کان 2 مهينن ۾ مڪمل ڪنداسين. هو صرف پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکارڻ لاءِ هنگامو ڪري رهيا آهن. ڪريم آباد ۾ انڊرپاس سي ٻي پنهنجي 106 روڊن تي ڪم ڪري رهيو آهي. پر هو جيڪو ڪم صحيح طريقي سان نہ ڪندو اهو ان ڪي ٻليڪ لسٽ ڪيو ويندو.

بقايا ❊++❊++ 22

هلندڙ سال جولاءِ ۾ برطانيہ پاڪستان کي پنهنجي ايئر سيفٽي فهرست مان ڪڍي ڇڏيو هو جنهن کان پوءِ هاڻ پاڪستاني ايئر لائنز برطانيہ ۾ اڏامن جي لاءِ درخواست ڏيڻ جي لاءِ اهل ٿي وئي هئي. اها اڳڀرائي اهڙي وقت ۾ سامهون آئي آهي جڏهن برطانوي ٽرانسپورٽ کاتي اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ايوي ايشن سيڪيورٽي جو معائنو مڪمل ڪري ورتو آهي ۽ پاڪستان جي سيڪيورٽي انتظامن کي تسلي بخش ۽ عالمي معيار موجب قرار ڏنو آهي. ٽي سي او سرٽيفڪيٽ ملڻ کان پوءِ قومي ايئر لائين اعلان ڪيو تہ هاڻ انهن کي سڌو سنئون اڏامون هلائڻ سان گڏ نہ صرف مسافرن پر ڪارگو کي بہ کڻي وڃڻ جي اجازت هوندي. پي آءِ اي طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي تہ پهرين مرحلي ۾ مانچسٽر جي لاءِ اڏامون بحال ڪيون وينديون جنهن کان پوءِ برمنگهم ۽ لنڊن کي بہ نيٽ ورڪ ۾ شامل ڪيو ويندو پي آءِ اي ٻڌايو تہ هڪ ڏينهن اڳ منظوري کان آگاهہ ڪيو ويو هو. انهي ڏينهن برطانوي ٽرانسپورٽ کاتي پي آءِ اي کي سيڪيورٽي ۽ ڪارگو جي لاءِ پي سي سي 3 سرٽيفڪيٽ 5 سالن جي لاءِ جاري ڪري ڇڏيا. بيان ۾ چيو ويو آهي تہ عالمي ايوي ايشن ادارن طرفان جاري ڪيل اهي سرٽيفڪيٽ پي آءِ اي جي فضائي آپريشنز ۽ حفاظت تي مڪمل ڀروسي جو اظهار آهي. سماجي ويب سائيٽ ايڪس تي هڪ پوسٽ ۾ قومي ايئر لائين طرفان وزيراعظم، ڊپٽي وزيراعظم، دفاع واري وزارت ۽ پاڪستان سول ايوي ايشن اٿارٽي جو شڪريو ادا ڪيو ويو جن اڏامن جي بحالي ۾ مدد فراهم ڪئي. ياد رهي تہ جون 2020 ۾ ڪراچي جي ماڊل ڪالوني ۾ پي آءِ اي جو ايئر بس اي 320 ڪري تباهہ ٿي ويو هو جنهن ۾ تقريبن 100 ماڻهو فوت ٿي ويا هئا جنهن جي هڪ مهيني کان پوءِ يورپي يونين، برطانيہ ۽ آمريڪا ۾ پي آءِ اي اڏامن تي پابنديون لڳايون ويون هيون. اها پابندي اهڙي وقت لاڳو ڪئي وئي جڏهن انهي وقت جي هوا بازي واري وزير غلام سرور خان 262 پائلٽس جي لائسنس کي شڪي قرار ڏئي انهن تي اڏامون اڏائڻ تي پابندي لڳائي ڇڏي هئي. يورپ ۾ بہ پي آءِ اي جي اڏامن تي لڳايل پابندي نومبر 2024 ۾ ختم ڪئي وئي هئي.

بقايا ❊++❊++ 23

ڇڏيو ٽرانسپورٽ کاتي جي ترجمان موجب ترميمن تحت گرين ڪمرشل گاڏين جي مالڪن کي نون شرطن تي عمل ڪرڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي، فٽنيس سرٽيفڪيٽ، گاڏين جي مقرر عمر جي حد ۽ جديد حفاظتي نظام لازمي هوندو ان حوالي سان ٽرانسپورٽ واري وزير شرجيل ميمڻ چيو تہ گريون ڪمرشل گاڏيون هاڻ ٽرانسپورٽ کاتي جي قائم مرڪزن مان فٽنيس سرٽيفڪيٽ حاصل ڪنديون، پڪڙجڻ جي صورت ۾ گاڏي مالڪن تي ڳرا ڏنڊ هنيا ويندا ۽ ڏنڊ جي رقم آن لائن سنڌ حڪومت جي اڪائونٽ ۾ جمع ٿيندي. هن چيو تہ سيني گاڏين لاءِ روڊ ورٿ ٽيسٽ لازمي هوندي، پڪڙجڻ تي پهرئين مرحلي ۾ معمولي ڏنڊ، ٻيو ڀيرو بہ لک رپيا ۽ ٽيون ڀيرو 3 لک رپين ڏنڊ هوندو سندس چوڻ هو تہ نئين ترميمن ۾ گاڏين جي عمرجي حد بہ مقرر ڪئي وئي آهي، انٽر پرووينشل روٽس تي 20 سال کان وڌيڪ پراڻي گاڏين کي پرمٽ نہ ڏني ويندي، انٽر سٽي روٽس تي 25 سال کان وڌيڪ پراڻيون گاڏيون هلائڻ جي اجازت نہ هوندي، جڏهن تہ شهرن جي اندر هلندڙ گاڏين لاءِ بہ عمرجي حد 35 سال مقرر ڪئي وئي آهي. شرجيل ميمڻ چيو تہ ڪنهن ڪمرشل گاڏي کي بنا ٽريڪنگ ۽ حفاظتي نظام جي هلڻ جي اجازت نہ هوندي ۽ پڪڙي تي گرائونڊ هوندو، گاڏي کي عارضي طور بند ڪيو ويندو ۽ 14 ڏينهن اندر سڌارو نہ ٿيڻ تي رجسٽريشن مستقل رد ڪئي ويندي.

بقايا ❊++❊++ 24

، بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ايجوڪيشن ڪراچي (بي آءِ اي ڪي) جي سيني شعبن جي نمايان شاگرد ۽ شاگردياڻين کي 2 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ وظيفا ڏنا آهن ايڇ ايس سي پارٽ_ II (ساليانو امتحان 2025) جي شاندار انعام ورهائڻ واري تقريب ۾ نمايان شخصيتون شريڪ هيون، جن ۾ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آءِ سي ايم اي پاڪستان عامر اعجاز خان، چيئرمين بي آءِ اي ڪي فقير محمد لاکو، سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊز سنڌ محمد عباس بلوچ ۽ سيڪريٽري ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ شهاب قمر انصاري شامل هئا تقريب کي خطاب ڪندي، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر عامر اعجاز خان نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ ۾ آءِ سي ايم اي پاڪستان جي عزم کي اجاگر ڪندي چيو: ”اهي وظيفا اسان جي ان مشن جي عڪاسي ڪن ٿا، جنهن تحت اسين ميرٽ کي ساراهيون ٿا، صلاحيت جي حوصلا افزائي ڪيون ٿا ۽ پاڪستان جي مستقبل جي اڳواڻن کي تيار ڪيون ٿا اڄ تعليم ۾ سيڙپڪاري دراصل روشن ۽ مضبوط مستقبل جي ضمانت آهي“ هي قدم سنڌ صوبي ۾ پنهنجي نوعيت جي پهرين وڏي اسڪالرشپ اسڪيم آهي، جيڪا خاص طور تي بي آءِ اي ڪي جي پوزيشن [illegible]

بقايا ❊++❊++ 25

[illegible] انصاري شامل هئا تقريب کي خطاب ڪندي، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر عامر اعجاز خان نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ ۾ آءِ سي ايم اي پاڪستان جي عزم کي اجاگر ڪندي چيو: ”اهي وظيفا اسان جي ان مشن جي عڪاسي ڪن ٿا، جنهن تحت اسين ميرٽ کي ساراهيون ٿا، صلاحيت جي حوصلا افزائي ڪيون ٿا ۽ پاڪستان جي مستقبل جي اڳواڻن کي تيار ڪيون ٿا اڄ تعليم ۾ سيڙپڪاري دراصل روشن ۽ مضبوط مستقبل جي ضمانت آهي“ هي قدم سنڌ صوبي ۾ پنهنجي نوعيت جي پهرين وڏي اسڪالرشپ اسڪيم آهي، جيڪا خاص طور تي بي آءِ اي ڪي جي پوزيشن هولڊرز کي، سائنس، ڪامرس، هيومنيٽيز ۽ ٻين شعبن ۾، تسليم ڪري ٿي هي گڏيل ڪوشش انهيءَ ڳالهہ جي علامت آهي تہ آءِ سي ايم اي پاڪستان رڳو هڪ پيشاور اداري تائين محدود ناهي، پر تعليم ۽ نوجوانن جي ترقي ۾ هڪ قومي ڀائيوار آهي چيئرمين بي آءِ اي ڪي فقير محمد لاکو ۽ سيڪريٽري محمد عباس بلوچ، آءِ سي ايم اي پاڪستان جي هن ڪوشش کي ساراهيندي، ان کي ”صوبي ۾ تعليم جي مستقبل لاءِ هڪ انقلابي قدم“ قرار ڏنو هن انوکي قدم سان، آءِ سي ايم اي پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ هو باصلاحيت فردن جي پرورش، اعليٰ تعليم جي واڌاري ۽ نئين نسل لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ ۾ هميشہ اڳڀرو آهي.

بقايا ❊++❊++ 26

موجب هڪ ليٽر پيٽرول تي 94 رپيا 89 پيسا ۽ هڪ ليٽر ڊيزل تي 95 رپيا 35 پيسا ٽيڪس لاڳو آهي، پيٽرول جي قيمت تي 36 سيڪڙو ۽ ڊيزل جي قيمت تي 35 سيڪڙو ٽيڪس آهي. دستاويزن ۾ ٻڌايو ويو تہ في ليٽر پيٽرول جي قيمت تي 14 رپيا 37 پيسا ڪسٽم ڊيوٽي، 78 رپيا 2 پيسا پيٽروليم ليوي ۽ 2 رپيا 50 پيسا ڪلائميٽ سپورٽ ليوي شامل آهي. في ليٽر ڊيزل جي قيمت تي 15 رپيا 84 پيسا ڪسٽم ڊيوٽي، 77 رپيا هڪ پيو پيٽروليم ليوي، جڏهن تہ اڍائي رپيا ڪلائميٽ ليوي شامل آهي.

بقايا ❊++❊++ 27

۽ هڪ ملازم کي بچايو جنهن کي مبينا طور تي حراست ۾ رکيو ويو هو پوليس جو چوڻ آهي تہ ملازم کي سافٽ ويئر هائوس ۾ حراست ۾ رکيو ويو هو جڏهن ڇوڪري جي گهر جا ماڻهو پهتا تہ سافٽ ويئر هائوس جي گارڊ فائرنگ ڪئي. پوليس موجب، گارڊ جي فائرنگ جي جواب ۾، ڇوڪري جي گهروارن بہ جوابي فائرنگ ڪئي. پوليس ڪارروائي ڪندي سافٽ ويئر هائوس جي منتظمين ۽ گارڊ سميت 5 ماڻهن کي حراست ۾ ورتو آهي.

بقايا ❊++❊++ 28

، فيڪلٽي آف سائنسز، فيڪلٽي آف انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ فيڪلٽي آف مئنيجمينٽ، بزنس ايڊمنسٽريشن ۽ ڪامرس جي بورڊس جي منٽن جو جائزو ورتو ۽ منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ هائر ايجوڪيشن ڪميشن جي پاليسي تحت نوان ڪورس ۽ پنجين سيمسٽر کان پوءِ شاگردن لاءِ انٽرنشپ سميت ٻين تعليمي معاملن تي تفصيلي بحث بعد فيصلا ڪيا ويا. اجلاس ۾ يونيورسٽيءَ جي تعليمي ڪارڪردگيءَ جو پڻ تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ زور ڏنو ويو تہ معياري تعليم سان گڏ تحقيقي ڪم کي اڃا وڌيڪ ترجيح ڏني ويندي. ڪائونسل ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جي فيڪلٽي بورڊ جي سفارشن تحت انڊسٽري ايڊوائزري بورڊ ۽ انڊسٽري رابطا ڪميٽي لاءِ پاليسي فريم ورڪ قائم ڪيو. ڪائونسل، ڊسپلنري ڪميٽي جي اڳ وارن ميمبرن جي مدي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ يونيورسٽي جي ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي چيئرپرسن ڊاڪٽر اسٽيفن جان ۽ سافٽ ويئر انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي چيئرپرسن ڊاڪٽر عبدالحفيظ خان کي ڊسپلنري ڪميٽي جو ميمبر مقرر ڪيو. ڪائونسل ڊاڪٽر جمشيد عادل هاليپوٽو، ڊين فيڪلٽي آف مئنيجمينٽ، بزنس ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪامرس ۽ ڊاڪٽر سيد آصف علي، پروفيسر آرٽيفيشل انٽيليجنس اينڊ ميٿميٽيڪل سائنسز جي ايلفيڪيشن ڪميٽي تي مقرريءَ جي منظوري ڏني. اڪيڊمڪ ڪائونسل کي خطاب ڪندي وائس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائي چيو تہ اسان هن وقت هڪ تمام گهڻي چئلينجنگ دنيا ۾ رهي رهيا آهيون جتي هر گذرندڙ ڏينهن سان گڏ اعليٰ تعليم سميت سيني شعبن ۾ نوان چئلينجز سامهون اچي رهيا آهن. تنهن ڪري يونيورسٽين کي انهن چئلينجز کي قبول ڪرڻ گهرجي ۽ بهتري لاءِ پنهنجون پاليسيون ۽ طريقا تبديل ڪرڻ گهرجن. هن چيو تہ اڄ جي ڊجيٽل دور جو شاگرد بہ ماضي جي شاگردن کان [illegible]

بقايا ❊++❊++ 29

[illegible] سان شروع ٿيو جيڪو وڏي غير امڪاني طور تي رومانوي تعلق ۾ تبديل ٿي ويو عورت 40 سالن جي عمر ۾ ٻن ڏهاڪن تي ٻڌل شادي شدہ زندگي ختم ڪري ڇڏي ۽ اڪيلي سر پنهنجي پٽ جي پرورش ڪئي هن ڪتن سان زندگي گذاري ۽ پالتوجانورن جي ڪپڙن جو ڪاروبار بہ ڪيو. ڪڏهن ڪڏهن هو ڊيٽنگ ايپس استعمال ڪندي هئي پر ڪو بہ رشتو قائم نہ ٿي سگهيو. آگسٽ 2022 ۾ ٽوڪيو جي هڪ ڪيفي ۾ عورت کي گم ٿيل موبائل فون مليو جيڪو انهي نوجوان جو هو. فون واپس ڪرڻ تي ٻنهي جي پهرين ملاقات ٿي ۽ جلد ئي ڳالهين جو سلسلو گهري دوستي ۾ تبديل ٿي ويو. هڪ هفتي کان پوءِ انهن جي ٻيهر ملاقات ٿي جتي انهن موبائل نمبرن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ روزانو رات دير تائين ڳالهيون ڪرڻ لڳا. نوجوان پهرين ٽي ملاقات ۾ هڪ پرچي عورت کي ڏني جنهن تي لکيل هو اوهان منهنجي شادي جي آڇ قبول ڪريو جنهن کان پوءِ ٻنهي ڄڻن هڪ ٻئي کي پنهنجون اصل عمرون ٻڌايون پر تيستائين انهن جو رشتو ايترو قدر مضبوط ٿي چڪو هو جو عمرجي حقيقت سان انهن تي ڪو بہ فرق نہ پيو. عورت جو پٽ، جيڪو ڇوڪري کان 6 سال وڏو آهي، پهرين ڏينهن ئي انهي رشتي جي حق ۾ رهيو ۽ پنهنجي والده کي مڪمل تعاون فراهم ڪيو پر نوجوان جي والده شروعات ۾ مخالفت ڪئي چو تہ ڪنوار انهي کان وڏي هئي پر پٽ جي محبت ڏسي آخرڪار اها بہ راضي ٿي وئي.

بقايا ❊++❊++ 30

عظميٰ بخاري، چيف سيڪريٽري پنجاب زاهد اختر زمان ۽ سيڪريٽري اطلاعات پنجاب طاهر رضا احمداڻي کان اي پي اين ايس جي درخواست تي پيپرا رولز ۾ ڪيل ترميم واپس وٺڻ ۽ اخبارن ۾ ماضي وانگر ٽينڊر نوٽيسز جي اشاعت جي اجازت ڏيڻ تي اظهار تشڪر ڪيو آهي. آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي جي صدر سيد سرمد علي ۽ سيڪريٽري جنرل محمد اطهر قاضي هڪ اخباري بيان ۾ چيو آهي تہ عرصي دراز کان التواءِ هيٺ رهندڙ هن مسئلي جي حل کي پنجاب جي اخبارن طرفان وڏي ساراهہ ملندي، چو تہ هن ترميم سبب صوبي پنجاب جا ريجنل ۽ ننڍا اخبار معاشي طور سخت مشڪلاتن جو شڪار ٿيا هئا

بقايا ❊++❊++ 31

ان حوالي سان هڪ خط پڻ جاري ڪيو آهي. جنهن مطابق گريڊ هڪ کان 17 تائين جي صوبائي ملازمن کي آسان قسطن تي قرض فراهم ڪيا ويندا، خط ۾ چيو ويو آهي تہ سيڪريٽريٽ ملازمن کي قرض لاءِ 100 ملين رپيا ۽ ٻين ملازمن لاءِ 240 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن.خط موجب حڪومت گاڏي لاءِ 200,000 رپيا ۽ گهر ٺاهڻ لاءِ 250,000 رپيا ايڊوانس فراهم ڪندي، خط ۾ اهو بہ واضح ڪيو ويو آهي تہ هلندڙ سال جي بجيٽ ۾ هن قرض لاءِ 340 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن.

بقايا ❊++❊++ 32

فوت ٿي ويلن جي لاشن کي ريسڪيو وسيلي سول اسپتال ڪنڌڪوٽ آندو ويو. جتي فوت ٿي ويلن جي سڃاڻپ ماروي، خانزادي، معصوم ٻار وڪيل ٻنگوار ۽ هڪ مرد شامل آهي جنهن جي سڃاڻپ نہ ٿي سگهي آهي. حادثي جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا زخمي بہ ٿي پيا آهن جن کي طبي امداد ڏني پئي وڃي. حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ٽرالر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي جڏهن تہ ٽرالر ڊرائيور فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ٻڌايو پيو وڃي تہ رڪشا ريڙهو ڳوٺ گمبلو وڃي رهيو هو تہ رستي ۾ حادثو پيش آيو ڏکوئيندڙ واقعي جو ٻڌي شهر جا ڪيترائي ماڻهو وڏي انگ ۾ اسپتال پهتا. ٻئي پاسي فوت ٿي ويلن جا لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن جي حوالي ڪيا ويا. لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا ❊++❊++ 33

۾ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آءِ سي ايم اي پاڪستان عامر اعجاز خان، چيئرمين بي آءِ اي ڪي فقير محمد لاکو، سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊز سنڌ محمد عباس بلوچ ۽ سيڪريٽري ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ شهاب قمر انصاري شامل هئا تقريب کي خطاب ڪندي، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر عامر اعجاز خان نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ ۾ آءِ سي ايم اي پاڪستان جي عزم کي اجاگر ڪندي چيو: ”اهي وظيفا اسان جي ان مشن جي عڪاسي ڪن ٿا، جنهن تحت اسين ميرٽ کي ساراهيون ٿا، صلاحيت جي حوصلا افزائي ڪيون ٿا ۽ پاڪستان جي مستقبل جي اڳواڻن کي تيار ڪيون ٿا اڄ تعليم ۾ سيڙپڪاري دراصل روشن ۽ [illegible]

بقايا ❊++❊++ 34

[illegible]

بقايا ---- 01

درخواستون ڏيو اوهانجي معاملن مسئلن كي حل كرڻ لاءِ مدد كبي هنن چيو تي اسان كي اهو معلوم ٿيو آهي تي كجھ ماڻهو منهنجي نالي پيسا وصول كري رهيا آهن جيكو عمل انتهائي خراب آهي ۽ قانون جي خلاف آهن هن چيو تي اهڙن ماڻهن خلاف فوري طور كاروائي كئي ويندي اسان چئون ٿا جيكي بہ ان قسم جي بليك ميلنگ كن ٿا انهن خلاف اسان كي معلومات ڏني وڃين.

بقايا ---- 02

معشوق جاكرو ۽ غمشاد جاكرو سميت 7 ڄڻا شامل آهن جن كي جهرك اسپتال منتقل كيو ويو واقعي جو اطلاع ملندي ئي ڊي ايس پي جهرك واجد تهيم ۽ ايس ايچ او جهمپير اسلم گگو واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال تي ضابطو آندو ۽ پوليس واقعي واري هنڌ مقرر كرڻ سان گڏوگڏ زخمين ۽ فوتي جو لاش پوليس تحويل ۾ اسپتال منتقل كيو مارجي ويل محمد خان جاكرو جو جهرك اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم كيو پيو وڃي پوليس موجب واقعو ٻنهي ڌرين ۾ سگاوتي تكرار تان پيش آيو صورتحال كي كنٽرول كرڻ لاءِ پوليس مقرر كئي وئي آهي

بقايا ---- 03

كٽي ٻيي نمبر تي آيو آهي آزاد اميدوار نواز لغاري صرف 26 ووٽ حاصل كري سگهيو آهي اهڙي طرح پي پي اميدوار نظير خاصخيلي كامياب ٿي ويو آهي. يوسي الهڏنو سريوال ۾ ٿيندڙ پولنگ تي كل 2713 ووٽ كاسٽ ٿيا جنهن مان 116 ووٽ خارج ڏيكاريا ويا ووٽن جو كل ٽرن آيوٽ 33.72 سيكڙو رهيو . يوسي جي اها سيٽ اڳوڻي چيئرمين شاهنواز خاصخيلي جي لاڏاڻي سبب خالي ٿي هيي جنهن تي اڄ پولنگ ٿي جنهن تي سندس پٽ پي پي اميدوار نظير خاصخيلي كامياب قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا ---- 04

قانوندان ۽ سينئر وكيل محمد علي منگي تي فائرنگ كري كيس سخت زخمي كري ڇڏيو ۽ آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. عيني شاهدن موجب وكيل صاحب شكارپور كورٽ ڏانهن وڃي رهيا هئا، جتي اوچتو هٿياربندن كين نشانو بڻايو زخمي وكيل كي پهرين تعلقہ اسپتال لكي غلام شاھ منتقل كيو ويو. جتان ڊاكٽرن طرفان ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد ڳڻتي جوڳي حالت سبب سكر اسپتال ريفر كيو ويو حادثي جي اطلاع تي وڏي انگ ۾ شهري ۽ وكيل برادري اسپتال پهتي ۽ سخت كاوڙ جو اظهار كيو، وكيل برادري حملي جي مذمت كندي چيو آهي تہ جيكڏهن ڏوهارين كي بنا دير گرفتار نہ كيو ويو تہ احتجاجي تحريك شروع كئي ويندي. زخمي ايڊووكيٽ محمد علي منگي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو: "مان ٻن اهم كيسن جي پيروي كري رهيو آهيان ۽ مون كي بار بار ڌمكيون مليون. اڄ جو حملو بہ انهن كيسن جو نتيجو ٿي سگهي ٿو "واقعي كان پوءِ علائقي ۾ خوف ۽ بيچيني پكڙجي وئي آهي. شهري حلقن ۽ وكيل برادري حكومت كان مطالبو كيو آهي تہ حملي ۾ ملوث جوابدارن كي فوري طور گرفتار كري كيس ۾ شفاف ۽ سخت كارروائي كئي وڃي.

بقايا ---- 05

وئي آهي. جڏهن تہ ٻئي طرف گئس جي گهٽ پريشر سبب گهريلو صارفين كي كاڌو پچائڻ ۾ ڏكيائيون پيش اچي رهيون آهن. ان حوالي سان شهرين جو چوڻ آهي تہ شهر جي اكثر علائقن ۾ لوڊشيڊنگ جي وقت كان علاوہ گئس جي چولن ۾ گئس جو شعلو ناهي، جنهن جي كري نہ ڀاڄي ۽ نہ ئي ماني صحيح طرح پچي سگهجي ٿي، مهيني جا آخري ڏينهن هجڻ كري اهي هوٽل مان كاڌو نہ ٿا آڻي سگهن ۽ نہ ئي كائيون خريد كري سگهن ٿا. گئس جي فراهمي صبح جو 8:30 ۽ منجهند 1:30 وڳي معطل كئي ويندي آهي، پر جيترو گهٽ گئس موجود هوندي آهي، چانهہ ٺاهڻ بہ مشكل ٿي ويندي آهي. گئس لوڊشيڊنگ جي نئين شيڊول كان اڳ، گئس جو پريشر بہ صحيح طرح ڏنو ويندو هو ۽ رڌ پچاءَ جو موقعو بہ ڏنو ويندو هو. جڏهن كان گئس لوڊشيڊنگ جو نئون شيڊول متعارف كرايو ويو آهي، ، ٻار اسكول، وڏا آفيس ۽ دكانن ۾ بكيا وڃڻ تي مجبور آهن. شهرين انتظاميہ ۽ لاڳاپيل ادارن كان مطالبو كيو آهي تہ گئس لوڊشيڊنگ جي پراڻي شيڊول تي عمل كيو وڃي تہ جيئن زندگيون مصيبت كان بچي سگهن.

بقايا ---- 06

او آفيس، ڊائريكٽر ايجوكيشن آفيس، اسپتالن، روينيو كاتي، ايريگيشن، نارا كئنال ايريا واٽر بورڊ، لوكل گورنمينٽ، ڊي سي آفيس، كمشنر آفيس، ايگريكلچر، پبلك هيلٿ، هاءِ وي، اسٽيويٽا ۽ ٻين سمورن ادارن ۾ مكمل تالا بندي كئي وئي. هوڏانهن سنڌ ايمپلائيز الائنس ضلعي ميرپورخاص جي چيئرمين سان گڏ سنڌ ايمپلائيز الائنس ميرپورخاص ڊويزن جي ڊويزنل كوآرڊينيشن كاميٽي جي ميمبرن اعظم خان هزاروي، جيون منشا، اقبال احمد جروار، جميل احمد بلوچ، محمد صديق، محمد عالم كان سواءِ ٻين ملازم تنظيمن جي اڳواڻن محمد بچل وساڻ، پارومل پريمي، غلام مرتضي ارباب، اي بي جروار، ممتاز كولاچي، خميسو خان سمون، محمد اشرف خادم، ملوك اڄڻ، مظهر عباسي، هما شيخ، جبار كنير، حنيف ملك ۽ ٻين مختلف سركاري ادارن جو دورو كيو ان موقعي تي سمورن ادارن جي ملازمن عهد كيو تہ اسان جا مطالبا منظور نہ ٿيڻ تائين هي احتجاج جاري رهندو ۽ چتاءُ ڏيندي چيو تہ اگر اسان جا سمورا مطالبا منظور نہ كيا ويا تہ 6 آكٽوبر تي كراچي ۾ بلاول هائوس آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو. سنڌ ايمپلائيز الائنس پاران 27 سيپٽمبر تائين سمورن ادارن ۾ تالا بندي ۽ احتجاج جاري رهندو.

بقايا ---- 07

۾ مٺي پريس كلب تائين پهتا جتي انهن پنهنجو ڀرپور احتجاج ريكارڊ كرايو ۽ پنهنجي جائز حقن جي حاصلات جي لاءِ ڀرپور نعري بازي كئي ان كان پوءِ اها مٺي جي مك روڊ رستن كان جيتيش راڻي جنرل سيكريٽري گستا ٿرپاركر جي سربراهي ۾ ڊپٽي كمشنر ٿرپاركر جي آفيس تي قائم مك احتجاجي كئمپ تي پهتي جتي آل روينيو ايمپلائيز ايسوسيئيشن طرفان ان ريلي جي زبردست آجيان كئي وئي ريلي كي خطاب كندي جيتيش راڻي گستا اڳواڻ، گواس اڳواڻ عطا الرحمان بجير وجئہ شرما ، صلاح هنگورجو، كيلاش لوڊا، پ.ٽ الف اڳواڻ بادل دل، اكبر درس، آل روينيو ايمپلائيز ايسوسيئيشن ٿرپاركر جي اڳواڻ راجيش لوڊا ۽ ٻين اڳواڻن پنهنجي جائز مطالبن جي حاصلات لاءِ زبردست آواز بلند كيو ۽ موقف اختيار كندي چيو تہ اها جنگ اسان جي حقن، اسان جي ٻچن جي آئيندي جي جنگ آهي هك سركاري ملازم جيكي سركاري ادارن ۾ زندگي جا حسين سال پنهنجي جواني سركاري ادارن ۾ پنهنجي فرض جي ادائگي ۾ گذاري ٿو ۽ جڏهن رٽائرمينٽ جي وقت جيكا پينشن، گروپ انشورنس ۽ بينئول فنڊ جا پئسا جيكي ملازمن جي پگهارن مان هر مهيني كٽيا وڃن ٿا اهي ملازمن كي رٽائرمينٽ وقت ادا نٿا كيا وڃن اهو كٿان جو قانون آهي هك طرف توهان اشرافيہ كي هيٽريون مراعتون ڏيو ٿا ٻيو اسان غريب مسكين ماڻهن جي ٻچن جو آخري سهارو پينشن پڻ كسي انهن كان ٻڍاپي جو سهارو كسڻ چاهيو اسين اهو كنهن بہ صورت قبول نہ كنداسين اسان حكومت سنڌ كان اهو پرزور مطالبو ٿا كيون تہ اسان جا جائز مطالبا تسليم كيا وڃن نہ تہ اسان ٻي صورت ۾ 06 آكٽوبر تي كراچي ۾ بلاول ڀٽو هائوس جي سامهون تاريخي ڌرڻو هڻنداسين جيكو مطالبن جي مڃتا تاعين جاري رهندو

بقايا ---- 08

۽ سنڌ رينجرز جي آفيسرن سان گڏ خادم ڀيو گينگ خلاف جاري ٽارگيٽيڊ آپريشن دوران پوليس اهلكار فضل الرحمان كوسو كي بازياب كرايو ويو تفصيل موجب، 20 سيپٽمبر 2025 تي ٿاڻي بي سيكشن كنڌكوٽ جي حدن قمبراڻي پكيٽ تي پوليس ۽ ڏوهارين جي وچ ۾ مقابلي دوران هك پوليس اهلكار كي ڏوهاري اغوا كري ويا هئا مغوي جي بازيابي لاءِ كشمور پوليس ۽ رينجرز كچي جي علائقي ۾ گڏيل سرچ/كومبنگ آپريشن شروع كيو، جنهن جي سربراهي ڊي آءِ جي پي لاڙكاڻو ناصر آفتاب پناڻ كري رهيا هئا آپريشن جي نتيجي ۾ پوليس اهلكار كي بحفاظت بازياب كرايو ويو ياد رهي تہ جاري آپريشن دوران 03 خطرناك ڏوهاري مارجي ويا هئا، جڏهن تہ پنج زخمي ٿيا هئا علائقي ۾ پوليس جي ناكابندي ۽ سرچ آپريشن جو سلسلو اڃا تائين جاري آهي، جيئن ڏوهن كندڙ عنصرن جو مكمل خاتمو آڻي سگهجي

بقايا ---- 09

سگهيو نتيجن كان پوءِ پيپلزپارٽي جي كاركنن ۽ حامين طرفان شهر ۾ جشن ملهائي خوشي جو اظهار كيو ويو ٻئي پاسي شجاع آباد وارڊ نمبر 1 جو غير سركاري غير حتمي نتيجو بہ سامهون اچي ويو، جنهن مطابق آزاد اميدوار حافظ اويس خان كتيان 340 كان وڌيك ووٽ وٺي كامياب ٿيو جڏهن تہ سندس مخالف اميدوار رفيق قادري رڳو 71 ووٽ حاصل كري سگهيو.

بقايا ---- 10

پيرا ميڊيكل گرينڊ الائنس، پي ايم اي، مهراڻ ٽيچر، پاپوليشن، لوكل گورنمينٽ، تعليم، صحت ۽ اسكارپ ڊرينيج كاتن جا عهديدار ۽ ملازم وڏي انگ ۾ شريك ٿيا. جتي عبدالوحيد جامڙو ۽ ٻين پاران آيل مهمانن جو شاندار استقبال كيو ويو ۽ سنڌ جي ثقافت اجرك جا تحفا پيش كيا ويا. ريلي ڊي سي آفيس، ايس پي آفيس، جهاز چوك، لكيدر چوك، گهنٽا گهر ۽ الله والا چوك تان ٿيندي پريس كلب پهتي، جتي ملازمن پاران سخت نعريبازي كئي وئي، احتجاج دوران پينشن مراعاتن ۾ كٽوتي روكڻ، پگهارن ۾ واڌ، ڊسپيرٽي ريڊكشن الائونس (ڊي آر اي)، گروپ انشورنس، بينوولينٽ فنڊ ۽ فوتي كوٽا جي بحالي جو مطالبو كيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن سيد راشد شاهہ، عبدالوهاب كاغذي، غلام سرور كوهارو، ڊاكٽر سيد اطهر حسين شاهہ، عبدالرحمان شر بلوچ، عبدالشكور ڀوڳڙ، احسان الله ابڙو، عبدالشكور سومر، بشير احمد لاشاري، نظام الدين شيخ، فهيم احمد سومرو، غلام رسول جهلڻ، مجاهد حسين لانگاهہ، آغا شعيب خان پٺاڻ، عبدالسمي جوڻيجو، نوشاد علي پٽو، شفيق احمد شيخ، نظير حسين شاهہ ۽ ٻين خطاب كندي چيو تہ پينشن، فوتي كوٽا، ڊي آر اي الائونس ۽ ملازمن جي پگهارن ۾ اضافو سندن بنيادي حق آهي، جيكي كنهن بہ صورت ۾ ڦٻايا نہ ويندا. اڳواڻن وڌيك چيو تہ SEAجي مركزي ۽ صوبائي اڳواڻن جي هدايتن تي آفيسن جي تالابندي جاري رهندي ۽ احتجاجي تحريك مرحليوار هلندي رهندي جيستائين سڀ مطالبا تسليم نٿا كيا وڃن.

بقايا ---- 11

۽ پولنگ اسٽيشنز قائم كيون ويون ، ٻن پولنگ اسٽيشنز تي 3340 ووٽر پنهنجي ووٽ جو حق استعمال كندا ، صبح اٺ بجي كان پرامن پولنگ جو عمل هلندڙ آهي ، ووٽرن جو ٽرن آئوٽ تمام گهٽ رهيو آهي سيكورٽي جا انتظام انتهائي سخت كيا ويا ايس ايچ او غلام نبي شاهہ ايس ايچ او پٿورو جي اڳواڻي ۾ ٻن ٿاڻن جي پوليس اهلكار مقرر كيا ويا آهن

بقايا ---- 12

سركاري ملازمن جي پينشن ختم كرڻ وڏي ناانصافي ۽ ملازمن سان ويساهہ گهاتي آهي، هنن چيو تہ پينشن ملازمن جو حق آهي، جيكو كنهن بہ صورت ۾ ختم كرڻ برداشت نہ كيو ويندو.احتجاج كندڙ اڳواڻن وڌيك چيو تہ جيكڏهن سركار پنهنجي فيصلو واپس نہ ورتو تہ اسپتالن ۾ كم ڇڏ هڙتال ۽ اندروني سطح تي بك هڙتال كئي ويندي، جنهن جي سڄي ذميواري سنڌ حكومت جي هوندي.

بقايا ---- 13

معرفت درخواست داخل كرائي هئي تہ 22 سيپٽمبر تي گهوڙاٻاري پوليس ڀيرپنو اسٽاپ تان سندس ڀاءُ نور حسن خشك ۽ سندس ڀائيٽي منور خشك كي كنهي ناحق بند ۾ ركيو آهي متس كوبہ كيس نہ آهي عدالتي حكم تي فرسٽ سول جج ٺٽو چاپو هڻي پوليس حراست مان ناحق باندي بڻايل نور حسن خشك كي بازياب كرائي ورتو جنهن انچارج سيكنڊ ايڊيشنل سيشن جج ٺٽو اسلام الحق آرائين جي عدالت ۾ پيش ٿي بيان ركارڊ كرايو تہ گهوڙاٻاري ٿاڻي جي ايس ايچ او حميد رودناڻي ۽ اي ايس آئي فرمان پٽو سميت ٽن اهلكارن كين كنهي ناحق لاكپ كيو ۽ كاڻس 50 هزار روپيہ پڻ ڦركري ورتا انچارج سيكنڊ ايڊيشنل سيشن جج ٺٽو جي عدالت ايڊووكيٽ منصور ترك جا دليل ٻڌڻ بعد ايس ايچ او سميت ٽنهي اهلكارن خلاف ٻن ڄڻن كي ناحق باندي بڻائي كاڻن ڦرلٽ كرڻ جو كيس داخل كرڻ جو حكم ڏنو ۽ ايس ايچ او تي 30 هزار روپيہ ڏنڊ پڻ عائد كئي.

بقايا ---- 14

واري جاءِ تي احتجاجي مظاهرو كيو ويو ۽ سخت نعريبازي كئي وئي، ان موقعي تي مظاهرين راجا سوٿهڙ، سرواڻ كوسو، علي محمد شيخ ۽ ٻين چيو تہ دين محمد شيخ پرائمري اسكول جي بنيادي تعميراتي كم ۾ انتهائي ناكاره ميٽيريل استعمال كيو پيو وڃي، هنن چيو تہ هك هن اسكول اڳ ئي وڏي عرصي كان پوءِ تعمير ٿي رهيو آهي وري ان ۾ ناكاره ميٽيريل استعمال كرڻ سبب عمارت نهي تيار ٿيڻ كانپوءِ كجھ ئي وقت ۾ خراب ٿيڻ شروع ٿي ويندي، جنهن سان معصوم زندگيون خطري ۾ پئجي سگهن ٿيون. هنن اعليٰ اختيارين كان مطالبو كيو تہ نوٽيس وٺي اسكول جي عمارت معياري كم كرايو وڃي.

بقايا ---- 15

حمد شاهہ قاسماڻي، سيد سرتاج علي شاهہ، حاجي بقا پلي چيئرمين ضلع عمركوٽ، ميان خالد ولهاري وائيس چيئرمين ضلع عمركوٽ، تہ جو مشهور عالم دين بزرگ هستي مولوي حاجي عبد الرحمن سنگراسي، پروفيسر مير چند اوڏ ڊائريكٽر كاليجز، پروفيسر عبد الرؤف سومرو پرنسپال، پروفيسر نواب علي راهو، پروفيسر جلال كوري، سيد ساجد علي شاهہ(CMO)، الهورايو(SHO)، ڊاكٽر محمد رمضان منگريو، ڊاكٽر محمد سومار منگريو، غلام حيدر لاشاري(D.M Sui gas)،سياسي سماجي ۽ مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن، تہ ۽ ناري جي راڄن جي چڱن مڙسن ۽ عوام جي هك وڏي ميڙ شركت كئي. ميڙاكي كي آجياڻو ڏيندي پروفيسر عبد الرزاق پٽو ڊاكٽر صاحب جي كيل خدمتن تي روشني وجهندي ٻڌايو ت ڊاكٽر صاحب ن صرف طب بلكي سياسي، سماجي، مذهبي ۽ انساني حقن جو پاسدار هيو. هن كيترائي ٻار پڙهائي يونيورسٽي پاس كرايا ۽ هزارين مريضن جو علاج معلج كيائين پنهنجي ذاتي پئسن مان دوائون وٺي تہ جي ڏورانهن علائقن ۾ ڳوٺ ڳوٺ وڃي مريضن جو علاج كيائين، پاڻ هك مسيحائي كردار هئا، سندس رهائش گاھ مريضن ۽ شاگردن جو مركز بڻيل هئي، ڊاكٽر صاحب (ايل ايم سي) سپاف جو پهريون صدر هيو. پاڻ ذوالفقار علي ڀٽو ۽شهيد بينظير ڀٽو جو شيدائي هيو سندس زندگي انيك كارنامن سان ڀرپور آهي جنهن كي هك كتابي شكل ۾ آڻي سگهجي ٿي تقريب جي مك مهمان قبلا سائين سيد سردار علي شاهہ صوبائي وزير تعليم و معدنيات پنهنجي صدارتي خطاب كندي چيو ڊاكٽر پانڌي هك اڻ متجندڙ باب آهي جنهن پنهنجي زندگيءَ انساني خدمت لاءِ وقف كري پاڻ امرتي ويا سندن خدمتن مان پوري سنڌ مستفيد ٿي هن ذات، پات، رنگ، نسل، ۽ مذهب كان مٿانهون سوچي انسانيت جي بي لوس خدمت كئي، ڊاكٽر پانڌي صاحب علم جو هك اهڙو روشن ڏيو هو جنهن كيترائي گهر علم جي لاٽ سان روشناس كيا، سندس راڄن جا فيصلا ۽ نبيرا حق ۽ سچ سان كيا اڄ سندس موپي پٽ انجنيئر گل حسن كي اها ذميواري سونپجي ٿي ت هو پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هلندي هك ذميوار انسان طور سيني راڄن پاڳن كي منتظم نموني سنڀاليندو ۽ هر ممكنہ معاونت ۽ انصاف تي ٻڌل نبيرا كندو، آخر ۾ ذكر الاڻي ٿيو ۽ دعائي خير مولوي حاجي عبد الرحمن سنگراسي جن فرمائي ۽ بعد ۾ سيني آيل مهمانن كي ماني كارائي وئي

بقايا ---- 16

مينگهواڙ ۽ انهن جي ماءَ پيءُ تي قتل كرڻ جو شك ظاهر كيو ويو آهي. جڏهن تہ سهري ۽ گهر ڀاتين لاش كڻي سول اسپتال آڻي چيو تہ اندران كي بخار آيو هو جنهن بعد ڇوكري جي مائيٽن جي اعتراض تي پوسٽ مارٽم كرايو ويو آهي.

واضع رهي تہ شريمتي اندران جي شادي بہ بدي جي عيوض ٿيل هئي جڏهن تہ آخري اطلاعن موجب وڌيك كابہ قانوني كارروائي ٿي نہ سگهي هئي ۽ پولرس پاران وڌيك جاچ كرڻ جو عضر ڄاڻايو ويو آهي.

بقايا ---- 17

ڊكيون ۽ ڇپرا ڊاهڻ جو عمل تيزي سان جاري آهي، آپريشن جو باقاعده آغاز اڄ گولاڙچي روڊ كان كيو ويو پوليس سيكيورٽي جا انتظام سٽي انچارج اياز انصاري سنڀالي رهيا آهن، جڏهن تہ قبضا خورن ۽ ناجائز واپارين ۾ ترٿلو مچي ويو آهي، ڊي سي بدين جي حكم تي سي ايم او بدين اينكروچمنٽس هٽائي رهيو آهي تہ جيئن روڊ جو كم مكمل ٿي سگهي، ڊي سي بدين ميونسپل كميٽي جي سي ايم او ۽ اي سي كي سخت هدايتون ڏيندي خط جاري كيو هو، جنهن كان پوءِ اينكروچمنٽس هٽائڻ جو عمل شروع كيو ويو آهي ۽ ان كان پوءِ روڊ جو كم مكمل كيو ويندو

بقايا ---- 18

اڳوڻي ايم اين اي روشن الدين جوڻيجو جو وفات تي سندس پٽ صلاح الدين جوڻيجو سان تعزيت كئي ٽنڊو آدم . تعزيت دوران اڳوڻو ايم اين اي محمد خان جوڻيجو، غياث الدين جوڻيجو، جهانگير جوڻيجو ۽ ٻيا موجود هئا ٽنڊو آدم. بلاول ڀٽو زرداري جي آمد تي سيكورٽي جا انتظام انتهائي سخت كيا ويا هئا ٽنڊو آدم بلاول ڀٽو زرداري كان صحافين كي پري ركيو ويو

بقايا ---- 19

نارا كئنال ۽ آبپاشي انجنيئرن پاڻي وكرو ڇڏيو. آبپاشي ايس ڊي او من پسند ماڻهن كي شاخون كولي ڏين ٿا، سنڌ جي بئراجن ۾ ٻوڏ واري صورتحال هجڻ باوجود اسان زرعي لاءِ پريشان آهيون، پاڻي جي كوٽ خلاف آچر تي نئون كوٽ ۾ ڌرڻو هنيو ويندو، ٽيل آبادگار خبر موجب نئون كوٽ ۾ ٽيل آبادگار ايسوسيئيشن نارا كئنال جي اڳواڻن ارباب انور جبار، محمد يوسف راجپوت، زاهد نون، چوڌري انعام، امان الله ساند، علي نواز نهڙيو ۽ ٻين پريس كانفرنس كندي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ هن وقت سنڌ جي بئراجن ۾ ٻوڏ واري صورتحال هجڻ باوجود اسان وٽ منڙائو، جمڙائو ۽ ٽر ڊويزنن جي پوڇڙي وارين نئون كوٽ، كنري، ڏگهڙي، كپرو سب ڊويزنن ۾ پاڻي جي شديد كوٽ آهي، پاڻي جي وكري سبب پوڇڙ جون زمينون بنجر بڻجي ويون آهن، اسان كي كروڙين رپين جو نقصان ٿي رهيو آهي،هنن چيو تہ پاڻي چوري نٿو ٿئي انجنيئر منڙائو كئنال مولابخش لغاري جي ملي ڀڳت سان آبپاشي ايس ڊي او من پسند ماڻهن كي پئسن عيوض شاخون كولي سرعام پاڻي وكرو كن ٿا، آبادگارن الزام لڳائيندي چيو تہ منڙائو ڊويزن جو مولابخش لغاري گهر جي برتنن لاءِ داروغن كي فون كري وٺرائي ٿو، جنهن منڊ جي آبادگارن كي پاڻي وكرو كري ڇڏيو آهي، مين كئنال تي سرعام پائپ لڳا پيا آهن ۽ سمورا واٽر كورس ٽٽا پيا آهن نشاندهي باوجود كير كاروائي نٿو كري، هن وقت نارا كئنال ۾ گنجائش كان وڌيك پاڻي موجود آهي انهي باوجود هفتي بجاءِ پندرهن ڏينهن كان پوءِ بہ پاڻي جو گيج پورو نٿو ڏنو وڃي، هر ڀيري اسانكي روڊن تي اچي احتجاج كرڻو پوي ٿو، انهي مان ثابت ٿئي ٿو آبپاشي عملدارن گهري رشوت عيوض پاڻي وكرو ڇڏيو آهي، كير بہ دانهن ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي، ٽيل آبادگار اڳواڻ چوڌري انعام چيو تہ پ پ ايم اين اي مير منور پاڻي معاملي تي كڏهن بہ آواز ناهي اٿاريو، اڳ نواب يوسف ٽالپر پاڻي جي مسئلي تي ايوان ۾ ڳالهائيندو هو، هن چيو تہ ايم اين اي مير منور ٽالپر جهڙو جي مسئلي تي ڳالهائي ٿو، بجلي جي اشو تي ڳالهائي ٿو پر پاڻيءَ لاءِ نٿو ڳالهائي، اگر اسان جي حقن لاءِ نہ ڳالهائيندا تہ اسان سندن حمايت نہ كنداسون، هن چيو تہ پ پ ايم پي اي مير طارق ٽالپور، نواب تعمور ٽالپور ۽ ٻيا خاموش آهن، اسيمبلي جي هكڙي بہ تقرير ۾ پاڻي جي اشو تي ناهي ڳالهايو، انهن جا گهٽا ووٽر بہ ٽيلن تي پاڻي نہ هئڻ كري پريشان آهن، ٽيل آبادگار اڳواڻ چيو تہ اسان كي پاڻي نہ مليو تہ ايندڙ آچر تي نئون كوٽ جي باوہ ميل موري تي ڌرڻو هڻي روڊ بند كيو ويندو

بقايا ---- 20

احمدپور ٽائون كاميٽي جي وارڊ نمبر هك ۾ كائونسلر جي خالي ٿيل سيٽ تي ٻيهر اليكشن كميشن آف پاكستان پاران چونڊون كرايون ويون جنهن ۾ پاكستان پيپلزپارٽي جي اميدوار ممتاز علي شيخ گورنمينٽ هائيئر سيكنڊري اسكول جي مردن واري پولنگ اسٽيشن تي 534 ووٽ كنيا ۽ جي ڊي اي جي اميدوار پير محمد سنڌيلو 104 ووٽ كنيا جڏهن تہ ڳوٺ جمعو كوسو ۾ عورتن واري پولنگ اسٽيشن تي پ پ اميدوار 345 ووٽ حاصل كيا جڏهن تہ جي ڊي اي جي اميدوار 26 ووٽ حاصل كيا جنهن كانپوءِ پيپلزپارٽي جو اميدوار ممتاز علي شيخ ٽوٽل 879 ووٽ كٽي كاميابي حاصل كري ورتي جڏهن تہ جي ڊي اي جو اميدوار ٽوٽل 130 ووٽ كٽي منجهند جو 2 بجي كانپوءِ پولنگ اسٽيشن تي ووٽنگ جو بائيكاٽ كري ڇڏيو جنهن كانپوءِ جي ڊي اي جي اميدوار جو چوڻ هو تہ ٻنهي پولنگ اسٽيشنن تي اسانجي 2 سئو كان وڌيك ووٽرن جا نالا لسٽ مان خارج كيا ويا آهن تہ جيئن هو ووٽ كاسٽ نہ كري سگهن جنهن كري پولنگ اسٽيشنن جو بائيكاٽ كري پرزائيڊنگ آفيسر ۽ آرو آفيس ۾ اهڙي ڌانڌلي جي درخواست كئي آهي تہ جيئن ٻيهر صاف شفاف اليكشن كرائي انصاف كيو وڃي، ٻئي طرف پيپلزپارٽي جي اڳواڻن ضمير حسين كانهر عبدالستار كوسو شهزاده احسان علي سنڌيلو راجا زوهيب ڏوكي رفيق احمد كوسو وڏيرو راجا ارباب علي سنڌيلو پيپلزپارٽي ليڊيز ونگ جي اڳواڻ ميڊم سلطانہ كتياڻ ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ مين چونك بس اسٽينڊ كان پريس كلب تائين خوشي ۾ ريلي كڍي جشن ملهايو ويو.

بقايا ---- 21

مارٽم بعد وارثن حوالي كيو لاش گهر پهچڻ تي ماتم، وارثن پاران جوابدارن خلاف كاروائي جي اپيل تفصيل موجب اوباوڙو ۾ افسوس ناك واقعو پيش آيو آهي ملك كالوني جو رهواسي پورهيت نوجوان سليم شيخ، جيكو گذريل چار ڏينهن كان لاپتا هو سندس جو ٽن ڏينهن جو تشدد ٿيل پراڻو لاش ريتي روڊ سونڻ شاخ ويجهو كمند جي فصل مان هٿ آيو علائقي واسين كمند جي فصل ۾ نوجوان جو لاش ڏسي اوباوڙو پوليس كي اطلاع ڏنو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش كڻائي تعلقہ اسپتال اوباوڙو منتقل كيو، جتي پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي كيو ويو، لاش گهر پهچڻ تي كهرام مچي ويو، مقتول نوجوان جي والد الاهي بخش صحافين اڳيان زارو قطار روئيندي ٻڌايو تہ منهنجي كنهن سان كا دشمني نہ هئي ظالمن منهنجي ٻڍاپي جي سهاري كي اغوا كري بيدردي سان قتل كيو آهي اڄ منهنجو گهر ويران ٿي ويو آهي، الاهي بخش سپريم كورٽ جي چيف جسٽس ۽ آرمي چيف كي اپيل كئي تہ كيس انصاف ڏنو وڃي ۽ جوابدارن كي جلد گرفتار كيو وڃي. ٻئي طرف پوليس موجب واقعي جو كارڻ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي ۽ آخري اطلاع تائين كيس داخل نہ ٿي سگهيو.

بقايا ---- 22

نواب حارث ٽالپر تعلقہ اسپتال كوٽ غلام محمد پرڪڙي جو اوچتو ۽ هنگامي دورو كيو. دوري دوران ڊاكٽرن جي حاضري چيك كئي وئي، جتي كيترائي ڊاكٽر ڊيوٽي تان غير حاضر هئا، جنهن تي نواب حارث ٽالپر سخت ناراضگي جو اظهار كيو.نواب حارث ٽالپر ڊائيلاسيز سينٽر، اسپتال جي اسٽور ۽ وارڊن جو پڻ جائزو ورتو. هن چيو تہ عوام كي صحت جون بنيادي سهولتون فراهم كرڻ لاءِ اسپتالن جي كاركردگي بهتر بڻائڻ ضروري آهي، هن لاپرواهي كندڙ عملي خلاف سخت قدم كڻڻ جي هدايت پڻ جاري كئي. دوري دوران اسپتال جي صفائي، دوائن جي فراهمي ۽ مريضن كي ڏني ويندڙ سهولتن جو پڻ تفصيل سان جائزو ورتو ويو. نواب حارث ٽالپر چيو تہ صحت جي شعبي ۾ غفلت كنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ كئي ويندي، ۽ هو عوامي مفادن ۾ اهڙا دورا جاري ركندو.

بقايا ---- 23

تائين رستن تي هئا ۽ هاڻ لمس انٽرنيشنل كئمپس ٺٽہ اندر بہ سهولتن جي اڻاٺ هن وقت تائين هاسٽل جي الاٽمينٽ نہ ٿي سگهي پري پري كان پڙهندڙ شاگرد روز مره كيترن ئي مشكلاتن كي منهن ڏئي يونيورسٽي پهچن ٿا هاسٽل هجڻ باوجود بہ الاٽمينٽ نہ ٿي كئي وڃي هك سال گذرڻ باوجود لمس انٽرنيشنل يونيورسٽي ٺٽا كئمپس ۾ بنيادي مسعلا حل نہ ٿي سگهيا پر ابتوئي شاگردن كي هراسمينٽ كري ابتو كين ريسٽيكيٽ كيو ويو آهي اسان كئمپس انتظاميہ كي ايهو چتاءُ ٿا ڏيون تہ فوري طور تي ريسٽيكيٽ كيل شاگردن كي بحال كيو وڃي نہ تہ ٻي صورت ۾ احتجاج جو اسان جمهوري حق ركون ٿا. پاران: انفارميشن سيل لمس انٽرنيشنل يونيورسٽي ٺٽا كئمپس شاگرد سنگت

بقايا ---- 24

باٿ، ڊي كي ايرياز، ميوزيم ۽ ٻين آثارن جو دورو كيو، جاپاني ماهر كي ماگ تي مقرر گائيڊ جاويد شيخ ماگ ۽ ميوزيم بابت كيس تفصيلي بريفنگ ڏني، ان موقعي تي جاپاني اسكالر ٻڌايو تہ هن 2003ع ۾ هك ٽيم سان گڏجي روس جي رياست تركمنستان جي گونر ديپي ماگ جي كوٽائي كئي،جتان موهن جو دڙو جي هاٿي جي مُهر ملي هئي، جنهن تي موهن جي دڙي جي ٻولي لكيل آهي، اها مُهر اتي ميوزيم ۾ موجود آهي، جاپاني ماهر موجب موهن جو دڙو جي قديم زماني جا ماڻهو پاكستان كان 1700 كلو ميٽرن جي فاصلي تي موجود رياست تركمنستان ۾ قديم زماني ۾ وڃي واپار كندا هئا. جاپاني ماهر موهن جي دڙي جي ماگ ۾ گهري دلچسپي ورتي ۽ قديم آثارن جي فوٽوگرافي پڻ كئي، جاپاني ماهر سان ماگ جي دوري وقت اڳوڻو ڊي جي آركيالاجي اسلام آباد ڊاكٽر عظيم خان پڻ گڏ هو.

بقايا ---- 25

اسكول منياڻي - آر ايچ سي منياڻي جي ڊاكٽرن استادن سميت سمورا ملازم اسكولن اسپتالن ۽ آفيسن كي تالا هڻي سراپا احتجاج بڻجي ويا احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي پ ٽ الف تعلقا نوشهروفيروز جي سينئر نايب صدر استاد الطاف حسين چانڊيو. گستا اڳواڻ ۽ استاد محمد عرس مستوپي - استاد اطهر چانڊيو مجيب الرحمان شيخ ۽ ٻين استادن كئي. ان موقعي تي استادن جو چوڻ هو تہ سركاري ملازمن جا ڇہ اهم مطالبا آهن جن ۾ پگهارن ۾ اضافو. فوتي كوٽا، DRA، پينشن ريفامز، بينوول فنڊ. گروپ انشورنس ۽ ٻيا حق شامل آهن. جيكي اڃا تائين پورا نہ ٿيا آهن.هنن چيو تہ استادن ۽ ملازمن جون قربانيون سيني آڏو آهن. پر انهن جي جائز حقن تي كو بہ ڌيان نٿو ڏنو وڃي. جيكڏهن جلد مطالبن تي عملدرآمد نہ كيو ويو تہ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. استادن جو وڌيك چوڻ هو تہ: "اسان جا مطالبا رڳو استادن جا نہ پر پوري سماج جي بهتري لاءِ آهن. چو تہ استاد سماج جي معمار آهي. "ملازمن جو واضع موقف آهي تہ هو پنهنجن حقن لاءِ آخري حد تائين جدوجهد جاري ركندا.

بقايا ---- 26

ميراڻي، ذوالفقار شاهہ، ٻيدل جتوئي، احمد جوڻيجو، شكيل بروهي، رياض حسين جتوئي، شهاب الدين، ڏوكري رائيس ريسرچ سينٽر تي نيئن آيل ايگزيكيوٽو ڊائريكٽر محمد حنيف اڄڻ جي مان ۾ آجياڻي جي تقريب كوٺائي وئي تقريب ۾ پيپلزپارٽي ايم اين اي نظير احمد خان بگهيو جي فرزند پ پ ضلعي كائونسل ميمبر بئريسٽر غلام مرتضي بگهيو، رٽائرڊ كرنل نظير احمد جتوئي، واجد بگهيو، معشوق علي جتوئي، رائيس ريسرچ سينٽر جي آفيسر امجد شجراع، عبدالصمد سومرو، ارشاد حسين دستي، عبدالنبي مغيري، سڌير پنهور، غلام شبير خاصخيلي، سكندر خاصخيلي، ضمير حسين جتوئي ۽ ٻين شركت كئي، ان موقعي تي آجياڻي جي تقريب كي ايگزيكيوٽو ڊائريكٽر محمد حنيف اڄڻ خطاب كندي چيو تہ رائيس ريسرچ سينٽر جي ملازمن جو شكر گذار آهيان جن مون كي مان بخشيندي آجياڻي جي تقريب كوٺائي آهي، هنن وڌيك چيو تہ رائيس ريسرچ سينٽر تي سڀ ملازم هك ٻئي جا هٿ آهيون ۽ هٿن كي مضبوط كري اداري جي بهتري لاءِ كم كيو ويندو، هوڏانهن پ پ ايم اين اي نظير احمد بگهيو جي فرزند پ پ ضلعي كائونسل ميمبر بئريسٽر غلام مرتضي بگهيو، رٽائرڊ كرنل نظير احمد جتوئي خطاب كندي چيو تہ پاكستان پيپلزپارٽي جي قيادت سان اداري جي ترقي لاءِ ڳالهہ ٻولهہ كري اداري ۾ بهتر سهولتون فراهم كري ترقي وٺرائي ويندي، هنن چيو تہ رائيس ريسرچ سينٽر بهتر جنسون متعارف كرايون آهن اميد آهي تہ اڃان بہ وڌيك متعارف كرايون ويندنيون

بقايا ---- 27

كنهن بہ اڻٽندڙ واقعي جي اطلاع نہ ملي، جڏهن تہ جنگشاهي، مكلي ۽ ٺٽي جي پوليس عملو مقرر هئڻ سان گڏوگڏ گشت كندي رهي تہ جيئن امن امان برقرار رهي. ان دوران اليكشن كمشنر ٺٽو ۽ اسسٽنٽ كمشنر ٺٽو بہ پولنگ اسٽيشنن جو دوري تي ويا ۽ انتظامن جو جائزو ورتو غير حتمي ۽ غير سركاري نتيجن موجب: پيپلز پارٽي جي اميدوار مقصود احمد سومرو 1,284 ووٽن سان كامياب ٿيو ٻئي نمبر تي پي ٽي آئي جو اميدوار ملك نواز جوكيو 295 ووٽ حاصل كيا. ٽئين نمبر تي آزاد اميدوار وقاص احمد مغل 210 ووٽن سان بيٺو.

بقايا ---- 28

كلنك كلڻ شرط هٿيارن جي زور تي اندر داخل ٿيا سون موبائل فون ٻيو سامان ڦرلٽ كئي بعد ۾ مزاحمت ۽ دانهن تي هٿياربندن فرار ٿي ويا ڊاكٽرياڻي جو ڀاءُ ڊاكٽر هيرانند اليكشن ڊيوٽي تي هياسين اطلاع تي پهتا آهيون جوابدارن كي هر صورت ۾ گرفتار كيو ويندو ايس ايچ او سامارو احمد بخش راهمون موقف

بقايا ---- 29

سبب او پي ڊي ۽ ٻين خدمتن ۾ شديد ركاوٽون پيدا ٿي ويون آهن، جنهن كري مريض سخت ڏكيائين كي منهن ڏئي رهيا آهن. احتجاج جي اڳواڻي ڊاكٽر آگاھ عمران، كلارك مبين خاصخيلي، عبدالرحمان سومرو، جي ايم سومرو، ڊاكٽر رزاق سومرو، ڊاكٽر ناظم سومرو ۽ ٻين كئي. اڳواڻن جو چوڻ هو تہ حكومت كين جائز حقن كان محروم ركندي ظلم كري رهي آهي، جنهن خلاف جدوجهد جاري رهندي. هنن خبردار كيو تہ جيستائين مطالبا نہ مڃيا ويندا تيستائين بائيكاٽ جاري رهندو.

بقايا ---- 30

اڳواڻن بہ وڏي تعداد ۾ شركت كئي. مظاهري دوران شركائن هٿن ۾ بينر ۽ پلي كارڊ كنيا پيا هئا جن تي "صحافين تي حملا نامنظور" ۽ "صحافين سان لوٽ مار نامنظور" جا نعرا لكيل هئا مقررّن ۾ امام الدين كوكر، نظير بهار وڏيو ، فدا پنهور، انور لاشاري ۽ شهنشاهہ چارڻ خطاب كندي چيو تہ كراچي، خاص طور تي ضلع ملير ۾ ڏوهن جو گراف خطري واري حد تائين وڌي ويو آهي، عام شهرين سان گڏ هاڻي صحافي بہ محفوظ ناهن رهيا. انهن ٻڌايو تہ كالا بورڊ جي ڀرسان خانگي ٽي وي اينكر امتياز مير جي گاڏي تي هٿياربندن فائرنگ كئي جنهن سبب هو سخت زخمي ٿي اسپتال ۾ داخل آهي. ساڳي ڏينهن عوامي پريس كلب جي سينيئر صحافي طارق سهتو كي قائدآباد پل جي ويجهو اهلِ خانہ سان گڏ روكي نقدي، موبائل فون ۽ قيمتي سامان لوٽي ورتو ويو. جڏهن تہ ڊفينس ۾ كي يو جي جي ميمبرن صحافي بشارت شاهہ ۽ جاويد ابڊالي بہ هٿياربندن هٿان لٽيا ويا. مقررّن جو چوڻ هو تہ متاثر صحافين فوري طور تي پوليس كي اطلاع ڏنو، پر تاحال كنهن بہ واقعي ۾ كابہ كارروائي نہ ٿي آهي. جيكا انتهائي ڳڻتي جوڳي ڳالهہ آهي. مظاهرين مطالبو كيو تہ صحافين تي ٿيندڙ حملا ۽ لوٽ مار ۾ ملوث جوابدارن كي فوري گرفتار كري لوٽيل سامان واپس كرايو وڃي ۽ صحافين كي تحفظ ڏيڻ لاءِ مؤثر قدم كنيا وڃن تہ جيئن هو آزاد ۽ محفوظ ماحول ۾ پنهنجو پيشو جاري ركي سگهن.

بقايا ---- 31

